# ناچڙي

## شاعري

## علي زاهد

کنول
پبليڪيشن
قنبر

# ارپنا

انھيءَ گل کي ارپيم
آجنھن مون کي ارپيو
اهو واس جنھن مان
هي ڪوتا ٿي سرجي.

مهاڳ

# خان پور جون گهٽيون

خان پور جون گهٽيون، زاهد جو ننڍپڻ، زاهد جي شاعري ۽ زاهد جو عشق - چار موضوع آهن. آءُ ڪنهن به موضوع سان نياءُ جي دعويٰ نه ٿو ڪريان.

سنڌ تي ڪيئي ڪاهون، هلائون ٿيون آهن. يونانين، ايرانين، عربن، ارغونن، مغلن، غزنين ۽ ترخانن هن خطي کي لٽيو ڦريو تلف تاراج ڪيو. ايئن ئي خان آف قلات جو نالو به انهن ۾ شامل آهي.خان ڳڙهه جيڪب آباد، خان قلات جي چونڪي هئي، خانپور شڪارپور واري به خان قلات جي چونڪي هئي، ايئن خانپور ڪَڪَڙِ واري به خان قلات جي چونڪي هئي ۽ فتح پور جهوڪ به خان قلات جي چونڪي هئي.

لاڙ جي پن گهراڻن سومرن ۽ سمن کان پوءِ سري جي هڪ گهراڻي ڪلهوڙن سنڌ تي حڪمراني ڪئي. جن اهي سموريون چوڪيون هٽائي موجوده سنڌ جو نقشو حڪمراني هيٺ آندو. باقي ڀاڱ ناڙي کان لس ٻيلي تائين سنڌ جو پرڳٺو خان قلات ٻيلي جي جامن جي حمايت سان بلوچستان ۾ آٽي ڇڏيو.

زاهد، ميان نور محمد ۽ ميان غلام شاهه جي خاندان جو چشم چراغ آهي، زاهد جي ابن ڏاڏن جي ترارين ۽ ٻانهن جي ٻل خانپور کي آزادي بخشي، جيڪو اڄ به سندن اباڻو شهر آهي، جنهن لاءِ زاهد حيدرآباد ۾ رهندي لکيو.

ياد ٿيون مون کي اچن،

خانپور تنهنجون گهٽيون.

ٻارُ ڪو ڪنهن ڏي ڊُڪي،

جڻ ته ٿيون مون سان ڊڪن،

خانپور تنهنجون گهٽيون.

عروض جو پهريون سنڌي شاعر آءُ سيد ثابت علي شاهه کي مڃيندو آهيان ۽ سنڌي نظم جو پهريون شاعر ميان سرفراز ڪلهوڙي کي سمجهندو آهيان، جنهن جي خاندان مان علي زاهد آهي.

جديد دور جي نظريات ۾ ذات پات پيد پاوَ جي ڪائي گنجائش ناهي ۽ نه وري اهو ڪو پرک جو نقطو آهي، پر تاريخي سلسلي جون ڪڙيون ضرور آهن - علي زاهد کي ڪيئن پرکجي؟ اهو سوال پنهنجي جاءِ تي ڏاڍو ڏکيو آهي. علي زاهد جهڙو پنهنجي شخصيت ۾ خوبصورت آهي ته سندس شاعري تهڙي ئي حسين ترين آهي. ننڍي ڪنڊ جو ادب جيترو به مون پڙهيو ، واچيو ۽ پرکيو آهي، ان مطابق ڳالهه کي اڳتي وڌايان. علي زاهد جا نظم سنڌي نظم جي لڙهين ۾ شاهڪار نظم آهن. حالانڪ نظم جي تاريخ ڪٽي ڪيڏي به پراڻي چو نه هجي، پر جديد نظم جيڪو 'ڪشنچند بيوس' سنڌ ۾ پڙهندڙن کي ڏنو، بلڪل شيخ اياز ان کي ادب جي فلڪ تي اجا به وڌيڪ اپاريو تيئن زاهد به نظم جا رهيل رنگ پيري ان نظميت ۾ واڌارو ڪيو آهي. زاهد جو بيانيه انداز

۾ هڪڙو ناهي، ان ۾ ڪيئي رنگ آهن، ڪٿي ڪهنا مشق شاعرن جيان فارسي گرامر کان ڪم ورتو اٿس ته ڪٿي عام سنڌي لهجو استعمال ڪيو اٿس، ڪٿي وري نيٽ ادبي ساهتيا انداز ۾ خيال آرائي ڪئي اٿس، پر فڪر جديد کان جديد تر بيان ڪيو اٿئين. اچو ته فارسي گرامر وارين ترڪيبن جو ڪجھ حظ حاصل ڪريون.

اي دلِ عُشاق! توکي،
کو نئون انجام گهرجي.
ويڄُ ڪوئي نئون کپي ٿو.
ڪا نئين مرهم کپي ٿي،
زخم ڪورو ڪو رَسڻ لئہ،
عشق پيو ناڪام گهرجي.

ساڳي ئي نظم جي آخر ۾ چيو اٿئين:

شهرِ نااميد ۾ بس،
يادگيريون ڪوڙ ئي ٿيون،
عاشقيون، رولاڪيون پيون،
۽ بي باڪيون ڪوڙ ئي ٿيون.
ڪو نئون رستو کپي ٿو،
ڪا نئين ٿي گام گهرجي.
اي دل عُشاق! توکي،
ڪو نئون انجام گهرجي.

يا غزل جو هيءُ بيت:

حالِ دل چا چئون، جو سکي ٿي پڇي،
ڪئن چئون پاڻ هون دل فگارن منجهان.

يا هن غزل جا ڪجھ بيت:

هي ياد دل فريبي، هي خيالِ يار دوکو،
۽ وصلِ دوست خاطر، هي انتظار دوکو!
چشمِ غزالِ حيران، ڪا آبجُو تلاشي،
بي چين روح جنهن جو، ازلان قرار دوکو.
اي دل! مڙين نہ ٿي چو، دشتِ فراق کان تون؟
چاهت سراب آهي، جنهن جو آپار دوکو.

ڏس وير اڄ چڙهي آ، چو جهاڳ تو پُلي آ؟
اٿُ، ڪاهِ! ناو مانجهي، پهلوءِ يار دوکو.
دستِ جنون بہ ڪنهن لئہ، راهِ نجات ٿيو آ؟
زاهد! وچين ٿو ڪاڏي، هر اعتبار دوکو!

اظاف ۾ معظوف جو تعلق جيڪو فارسي زبان جو اعليٰ ترين، زير سان جڙيو يا جوڙيو وڃي ٿو بلڪل تيئن ئي زاهد بہ اهو گرامر جيئن جو تئين پنهنجي بيان ۾ ڪتب آندو آهي- حالانڪ پاڻ فارسي پڙهيل ناهي پر وسيع مطالعي جي بنياد تي هڪ ذهين ترين پڙهندڙ جيان پاڻ سمجهي ورتائين تہ وائو لطفي ۾ حرڪت اشبائي جو استعمال ڪيئن ڪجي. نہ رڳو ايترو پر هڪ لساني ماهر جيان حرف جملي جو سنڌي پراڻو طريقو بہ نہ وساريو اٿئين.

دلِ عشاق، شهرِ نااميد ، حالِ دل، خيالِ يار، وصلِ يار، چشمِ غزالِ حيران، آبِ جُو، دشتِ فراق، پهلوءِ يار، دستِ جنون، راهِ نجات ۾ پيون اهڙيون فارسي ترڪيبون استعمال ڪري زاهد پنهنجي نظم کي وسعت بخشي آهي. اهو مشق جو انداز توڙي جو گهڻو پراڻو ٿي ويو آهي پر نئين فڪر ۾ فراست جي ڪري پراڻو نہ ٿو ڀاسي. ايئن ئي پراڻي سنڌي گرامر جو هي نيم بہ شاندار نموني نڀايو اٿس:

بي چين روح جنهن جو، ازلان قرار دوکو

لفظ ازل سان 'ڪان' حرف جملي جي 'آن' ملائي ان کي 'ازلان' ڪري هڪ مثال قائم ڪيو اٿس. زاهد لاءِ هيئن ڪٿي چئجي تہ هُو پوليءَ جي روايتن جو واقعي امين آهي.

آءٌ هڪ مڪمل شاعر کي ڪنهن هڪ صنف جو تخليقڪار چئي، ان جي علمي وسعت کي گهٽائڻ جي ناڪام ڪوشش نہ ڪندس. علي زاهد هڪ اهم شاعر آهي، جنهن جي سنڌي ادب کي وڏي ضرورت هئي، هن مٽيءَ جي اها مهانتا آهي جو اها ضرورتن پٽاندر پنهنجو پاڻ مان ڪيئي پٽ پيدا ڪري پنهنجو مرتبو برقرار رکندي آهي- علي زاهد جا گيت، غزل، نظم توڙي وايون، سڀ هن ڌرتيءَ جي ضرورت پٽاندر پنهنجو پنهنجو ڪارج سڌ ڪرڻ لاءِ سرجيل آهن، جن ۾ رنگ ۾ خوشبو جو نئون جهان آراستا آهي.

موڪيءَ وٽي وڏائي، درويش مسڪرايو،
مخمور ٿي خدائي، درويش مسڪرايو.
ساري حيات رقصان، چاهت جي پيچرن تي،
پر ماڳ نارسائي! درويش مسڪرايو.
وارن جي چانورن ۾ ڪنهن ٽَڪ پيگو ازل جو،
نيڻن ۾ ننڊ آئي، درويش مسڪرايو.
سالار کي سڪندر، ڪيڏا وڏا تونگرا!
تن جي ڏسي ڪَمائي، درويش مسڪرايو.

ناچڻي　　شاعري　　علي زاهد

كو عشق ٿيو نہ پورو، سپنو نہ ٿيو كو ساپيا،
وئي عمر هيءَ اجائي، درويش مسكرايو.
چهري ۾ گُهنج مهكيا، ڏكڻي لٿي هٿن ۾،
جوڀن كئي جدائي، درويش مسكرايو.

صوفي ازم ملوكيت ۽ بادشاهت سان بغاوت جو نالو آهي، جو تہ مسلمان بادشاهن اسلام جي عظيم فلسفي كي جڏهن هٿيار طور استعال كيو تہ پنهنجي پنهنجي خطي ۾ صوفين ڌڻيءَ جي پاك اسم جو ورد كڻي عام انتباهہ كيوتہ ڌڻي تعاليٰ جو اسم گرامي هر بندي جي دل ۾ ڌڙكي ٿو ظل الاهي جي دعويٰ كندڙ بادشاهہ مكاري پيا كن. بادشاهہ ظلم جي ٻئي پاري هك پاسي انسان ذات جو ناس پيا كن تہ ٻئي پاسي ڌن ۽ دولت جي بك ۾ هُو ڌڻيءَ جا دشمن ۽ انكاري آهن.

نادر شاهہ تہ سنڌ كي لُٽي ڦري هليو ويو پر ان سڄي ڦرلٽ ۾ سنڌ جا ٻہ وڏا نالا تڙپندي نظر اچن ٿا. انهن ۾ هكڙو هو شاهہ سائين، جنهن نادر شاهہ كي روبرو چيو هو تہ 'هيءَ سنڌ آهي، دهلي ناهي، ان جي لڄن جي توكي پارت هجي.'. ٻيو هيو ميان نور محمد كلهوڙو جنهن پنهنجي وصيعت ۾ لكيو تہ 'نادر شاهہ منهنجو كتب خانو لٽي، منهنجو روح فنا كري ويو ، جنهن ۾ منهنجي مسلك جا وڏا وڏا رسالا هئا، جهڙوكر نادر شاهہ سهروردي فكر جو ڳلو گُهٽي هليو ويو.'

بندي جي تحقيق ۾ ميان وال تحريك جو واقعي بہ كوئي وڏو دستاويز سامهون ناهي آيو. علي زاهد جو هيءُ غزل ان ميان والي درويش جي كڙي وِهُہ جي ڳڙي آهي. انسان ذات جي ناش ۽ وناش جو ماتم آهي، ٻُك جي ان لامتناهي حوس تي ٺٺول آهي.

علي زاهد جا نظم تمام وڏا نظم آهن. فكري گهرائي جا ساگر آهن ۽ هيٺين طبقي جي هيرن جو عكس آهن. علي زاهد جو نظم <u>رولاك</u> انسان ذات جي پيار جو اهو دستاويز آهي، جنهن جي ويڙهڻ كان پوءِ وطن جي حُب، ديس واسي كان سواءِ بكواس ٿي پاسجي. جڏهن ڏيهہ واسين سان پيار ٿو ٿئي تہ دنيا جهان جا سموارا نشا ٽٽي كافور ٿي وڃن ٿا. ماضي وسري وڃي ٿو، انسان حال ۾ مستغرق ٿيو وڃي، گذريل حياتي پڇتاءُ بنجيو وڃي. مستبقل جي صراط مستقيم سامهون اچيو وڃي. آءُ علي زاهد جي پيٽ كنهن سان كريان؟ چو كريان؟ كيئن كريان؟ هك شاعر پنهنجي تخليق ۾ هلندي نظر اچي، پڙهندڙ ان كردار جو بدل ٿيڻ جي كوشش كري تہ پوءِ پيا اٿ سٺا اجايا آهن.

رولاك دنيا جا سمورا منظر ڏسندي ڏسندي هلندي هلندي وڃي ٿو گهورن جو گهاءُ بنجي ۽ محبت جي داوَن ۽ پيچن ۾ ڦاسي ۽ پوءِ پنهنجي ماضي تي هٿ مهٽي نوحا خواني كري. اها علي زاهد جي فلسفي جي كامياب حقيقت پسندي آهي. نظم جون آخري سٽون ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو:

ياد هاڻي اهو پيي نہ آهي رهيو
مان بہ رولاك هيس،
دل بہ رولاك هئي!

علي زاهد جو نظم '**خانہ بدوش**' هڪ مڪمل نظم آهي. جنهن جي وضاحت شايد مظهرالسلام ٻينظير صاحب جي مرتئي ويل ڪي تي اين تي ڪئي هئي. ڪاش هر ماڻهو تنهين شين جي علامتي وضاحت هن خانہ بدوش کان پڇي، جيڪو سراپا امن آهي، جنهن جو ڪنهن سان بہ جهڳڙو ناهي، ڪيڏو نہ پراعتماد آهي، هُن جي زال هزارين مائن کان مٿي آهي، جيڪا پنهنجي پوتيءَ جي پلئہ سان گرميءَ ۾ مڙس کي جُهلڪارا ڏيئي ننڊ تي ڪرائي ۽ خانا بدوش ان حور جي آغوش ۾ سر سبز چراگاهن جا خواب ٿو ڏسي ان حور جو سچو اسم جسم، حسن ۽ هاڪ صرف ۽ صرف پنهنجي ور لاءِ آهي، هوءَ سراپا سَتُ ۽ سيل آهي، هن جي وينل ڪنواري پيٽ ٻيبي مريم آهي، هن جا ٻار جنت جا شهزادا آهن، جيڪي مصنوعيت کي نهاري بہ ناهن ڏسندا. هن جو ڪاڏو ۽ مشروب ڪيڏو نہ سادو آهي، پٽر تي پڪل روٽ هن جو مرغوب ڪاڌو آهي ۽ کير هن جو مشروب آهي.

پٽر تي پڪل روٽ يا واريءَ تي پچايل روٽلا مون پاڻ کاڌا آهن. ڪاڻين جون بہ پريون واريءَ تي رکي انهن کي باهہ ڏيو. ڪاٺيون پري جڏهن ٽانڊا ٿيندا تہ واري بہ ڳاڙهي ريت بنجي ويندي. ٽانڊا پري ڪري ٿقيل روٽلا واريءَ تي وجهي مٿان ٽانڊا ورائي ڇڏيو. پوءِ ڏسو تہ اهي روٽلا ڪيئن ٿا پچن. جڏهن پچي راس ٿين تہ انهن کي وچايل ڪپڙي تي ڇنڊي واريءَ جا ذرا لاهي پوءِ کائيندا وڃو. دوستو! ڪاڏي پچائڻ جو فلسفو رڌڻ کان صديون اڳ جو فلسفو آهي.

جڏهن انسان، انسان هٿان نہ ايذائبو هو تہ لڙڪ اگهبا ڪو نہ ها. اهو سچو امن جو بنيادي فلسفو علي جي هن نظم ۾ موجود آهي. هن نظم ۾ دنيا هڪ ديس آهي ۽ آسمان هيٺان آيل ڌرتي ماڻهوءَ جو اڱڻ آهي. ڪاش نظريي ضرورت وارو اڄوڪو هي ڏاڻڻ انسان ان فلسفي کي سمجهي وٺي!

علي زاهد جو نظم '**عورت**' اڄ جي سڀئي جو انمول آواز آهي. خود آگاهي جڏهن تخليق جو روپ سروپ وٺي عام جو آواز بنجي تہ اهو هڪ ڪامياب ترين مقبول آواز آهي. اسين جڏهن لطيف سائين جو ورد ڪندا آهيون تہ اها لطيف جي خود آگاهي اسان جو آواز بنجي ويندي آهي. ايئن اڳين لوڪن جون خود آگاهيون بہ لطيف جي ڪلام ۾ ملن ٿيون. جيئن 'الاهي توهار' يا 'الله توهار' ميان وال ڪنهن بزرگ جو 'بسم الله الرحمان الرحيم' جو ترجمو آهي. خبر ناهي تہ اهو ترجمو ميان آدم شاهہ جو آهي يا ميان نصير محمد جو يا ميان دين محمد جو يا ميان محمد الياس جو. مون تمام گهڻا ترجما پڙهيا آهن ۽ قرآن پاڪ جو منظوم ترجمو حاجي احمد ملاح صاحب جن جو بہ پڙهيو آهي. مون ڪٿي ايئن نہ پڙهيو آهي 'الاهي توهار بلڪل'بسم الله الرحمان الرحيم' جو مڪمل ترجمو آهي ۽ نہ رڳو ترجمو پر ان دور جو مشهور نعرو ۽ منظوم ترجمو بہ آهي.

جيئن جيئي سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي نظم جو اهو حصو جيڪو جي ايم سيد جي پارٽيءَ جو نالو بنجي ويو، عورت تيئن هڪ اهم نظم آهي، جيڪو صديون پراڻو نظم آهي، پر پوءِ بہ هڪ نئون نڪور نظم پيو پاسجي.

ٽئگور جو هڪ ٻار تي نظم منهنجي نظر مان گذريو، جيڪو نظم ٽئگور صاحب لاءِ وڏي اعزاز جو باعث بڻيو.

علي زاهد جو اهو 'عورت' نظم هڪ شاهڪار نظم آهي. ان جو اعزاز علي زاهد کي ڪيئن بخشجي، جديد نظم جي حوالي سان جديد تر نظم آهي. ٽئين دنيا جي ادب جو اهو الميو آهي تہ ان کي نظر اندا ز ڪرڻ وارا ادارا گهڻا آهن. قبوليت جي حوالي سان ٽئين دنيا جو عوام پنهنجا تاريخي فيصلا رڪارڊ ڪرائيندو رهي ٿو ۽ حاڪم طبقو ان راءِ کي نظر انداز ڪندو رهي

ٿو. ٿيڻ تہ ايئن گهرجي تہ اسين پنهنجا انمول اعزاز پنهنجي شاعرن کي پاڻ ڏيون. جيئن حيدر بخش کي 'باباءِ قوم' جو اعزاز ڏنوسون. جيئن جي ايم سيد کي 'سنڌ' جو اعزاز ڏنوسون. جيئن ذوالفقار علي ڀٽي کي 'شهيد عوام' جو اعزاز ڏنوسون، جيئن شهيد ڀيڻ بينظير ڀٽو صاحبہ کي 'جمهوريت جي شهزادي' ۽ 'سنڌ راڻي' اعزاز ڏنوسون، جيئن گلان فقيرياڻي کي 'ڀِٽَ راڻي' جو اعزاز ڏنوسون. جيئن سوڀي گيانچنداڻي کي 'ننڍي ڪنڌ جو ڏاهو' جو اعزاز ڏنوسون. جيئن عابده پروين کي 'اديءَ' جو اعزاز ڏنوسون. جيئن محترم شيخ اياز کي 'مهان ڪوي' جو اعزاز ڏنوسون. اسان جا اهي اعزاز ۽ ايوارڊ دنيا جي وڏن وڏن ايوارڊن کان گهڻو مٿي آهن ڇو تہ انهن اعزازن ۾ اٿاهہ سچائي پريل آهي ۽ ڏيکاءُ بنهہ ناهي.

'هيءُ شهر اهو ئي شهر آهي' حيدرآباد تي امداد حسينيءَ جو اهو نظم آهي، جيڪو تاريخ آهي.منهنجي نظر ۾ امداد حسيني تاريخي شاعر آهي. استاد بخاري 'عوامي شاعر'، طالب الموليٰ 'گويو شاعر' ، عبدالڪريم گدائي 'تحريڪي شاعر'، تاجل بيوس 'ڀِڳڙو شاعر' آهي. اهي سمورا اعزاز مڃتا جو دليل آهن. ايئن علي زاهد نظم جو مصور شاعر آهي.

مان

هن دنيا جو اڌ آواز آهيان.

اهو 'اڌ' لفظ عورت جو اهڙو عڪس آهي جنهن کي هزارين لباس آهن. ڪٿي ٻيبي حوا تي نظر اچي ، ڪٿي مريم تي نظر اچي، ڪٿي بي بي زينب تي نظر اچي، ڪٿي ڪالي ماتا تي نظر اچي، ڪٿي شهيد بينظير تي نظر اچي، ڪٿي محبوبا، ڪٿي دنيا جي امڙ، ڪٿي ڌيءُ، ڪٿي ڀيڻ ....

منهنجو آواز

مرد جي ڳري آواز جي بوجهہ هيٺان

دٻجي ويو آهي

يا ٻوساٽجي ويو آهي.

هي ٻٽڙ وارا عڪس آهن، اهڙي منظرنگاري جيڪا فزڪس جي حوالي سان سمجهي سگهجي. آواز جو داٻ پرڪڻ لاءِ وڏن وڏن ميلن ۾ وڃي سمجهڻ گهرجي، هزارين هُوڪرا هوندا آهن، پر مرداڻي سماج جي هوڪرن ۾ دٻيل هن آواز کي نڪاري پڌرو ڪرڻ وارو علي زاهد عورت جي آواز کي ٻاهر وٺي اچي ٿو. اسان سان ملائي ٿو ۽ پوءِ هوءَ پنهنجون وارتائون بيان ڪري ٿي، صدين جون منظرنگاريون هن آواز ۾ آهن.

ادب قومن جي فلاسافي جي ترجماني ڪندو آهي، اهي ترجمان مخير حضرات جو قائدانہ پرت هوندا آهن. جيڪي سواءِ ڪنهن معاوضي جي قومي خدمت ڪندا رهندا آهن. اجوڪي اين جي اوز وانگي انهن جا مفاد منافي تي آڌاريل ناهن هوندا! علي زاهد بہ انهن قومي ترجمان فلاسافر حضرات منجهان هڪ پيارو شاعر آهي، فني پختگي ۽ فڪري محرڪات جو نمائندو شاعر آهي، عروض جي مڙني ڪتابن ۾ اسان جي استادن ٻوليءَ کي ڏوهي ٺهرائي پاڻ کي مبرا قرار ڏنو تہ ٻوليءَ ۾ عروض نڀائڻ وارو عنصر گهٽ آهي، پر اسان جي انهن استاد شاعرن جن جي مهاڳن ۾ مون ڪين استاد سڏيو آهي، اُهي اسان جي اڳين استادن کي رد

ٿا ڪن تہ اهي دليل ناقص بنيادن تي آڌاريل آهن، جيئن فاصلا ڪبريٰ ۽ صغريٰ جي ذمن ۾ لکيو اٿن. اچوڏسون علي زاهد جو هيءُ غزل جيڪو فاصلا ڪبريٰ جي فن تي آڌاريل آهي.

جمار سجي نهار بڻي، ڪڏهن تہ اچو، اچي بہ وڃو،

پريت پرين پڪار بڻي، ڪڏهن تہ اچو، اچي بہ وڃو.

آءٌ پانيان ٿو تہ سنڌي شاعري جي غزل ۾ هي غزل شايد پهريون غزل هجي، جيڪو علي زاهد جي فن مان ٿيي ڏيئي ڪاغذ تي آيو آهي، جيئن زم زم مان مومن وهنجي سِهنجي حج جو احرام ڍڪيو هجي.

مفاعِلَتُنُ، مفاعِلَتُنُ، مفاعِلَتُنُ، مفاعِلَتُنُ جي افاعيل جو اهڙو استعمال متحرڪ ۽ ساڪن جو حسين امتزاج مون پهريون ڀيرو، شاهڪار نموني هن غزل ۾ ڏٺو ، پڙهيو ۽ پرکيو آهي. مون وٽ نوبل پرائيز جهڙو ڪوئي انعام تہ ناهي جو علي زاهد کي ڏيئي مالامال ڪري ڇڏيان ليڪن آءٌ کيس استادن جو استاد تہ چئي سگهان ٿو، جيڪو ان جو علمي ۽ ادبي رائيت آهي. هاڻي اها راءِ بہ رد ٿي چڪي جن دوستن چيو پئي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهو للُ ئي ناهي جو اهڙا افاعيل ۾ ارڪان بيان ڪري سگهي.

'ناچڻي' ٽائيٽل گيت بلڪل ٽائيٽل تي سون مٿان سهاڳو آهي. عروض ۾ گيت جو شهڪار نيم ۽ نمونو آهي.سمبارا ناچڻي جو ذڪر تہ علامت طور سنڌ جي گهڻن شاعرن ڪيو آهي پر هي گيت اڃا بہ مٿاهون ٿو ڀاسجي. جڏهن گيت عروض جي قانون پٽاندر هجي ۽ ٻولي گيت واري ڇند جو پورائو ڪري تہ پوءِ ان جو ڪاٿو ڪٿڻ مشڪل ٿو لڳي. مون شيخ اياز جي انهتر ڇندن تي آڌاريل گيتن ۽ واين تي فن جو تجزيو ڪيو آهي، جنهن جي بنياد تي اهو چئي سگهان ٿو تہ هي گيت جهڙوڪر انهن گيتن جي لڙهہ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڏات علي زاهد کي اتساهيو تہ تون سمبارا تي گيت لک! جيڪو هُن لکي اها لڙهہ پوري ڪئي.

نچين تون، نچي ٿي هوا ڏاڪڻي،

او موهن دڙي جي امر ناچڻي!

اهو شاعر جي حرفت ۾ فن جو ڪمال آهي، جو فطرت مجبور ٿي مصنوعيت جو قانون قبول ڪندي نظر اچي. سمبارا کي رقص ڪرائي، ڏکڻ جي هوا کي نچائي، علي زاهد سمبارا، انساني آدابن ۽ اقدارن جو ڇا تہ مرتبو وڌايو آهي. هي گيت پڙهندي يا ڳائيندي مون کي تانسين جو ملهار ٿو ياد اچي تہ راڳڻي ڇيڙڻ سان ساوڻ جي برکا ڇم ڇم ڪري وسڻ تي مجبور ٿئي يا ديپڪ راڳ سان ٻيجو باورا ڳائيندي نظر اچي ۽ سڄو شهر باهہ جي آڙاهہ ۾ پرندو نظر اچي.

علي زاهد جي خاندان جي هڪ شاعر سائين فدا پورڙائي جو قلمي نسخو بہ پڙهيو، جيڪو پنهنجي دور جو قادر ڪلام شاعر هو ، پر علي زاهد هن دور جو اڃا بہ اڳرو شاعر آهي ، جنهن وٽ فني ۽ فڪري پئي نديون پرپور وهي رهيون آهن ۽ عليءَ جي شاعري ان دوآبي يا پلهڻ جو ڏيک ڏئي رهي آهي، جنهن ۾ ڪيئي غنچا نظر اچي رهيا آهن ۽ هر غنچي جو واس ۽ ورن پنهنجو پنهنجو آهي.

چريا چور نہ چيڪلو، ڪائي ڪا نہ چڙهي،

رهنديون جيڪي راند هيون، ڪڙيون منجهہ ڪڙي،

اکيون هت اڙي، سوچين ڇا ٿو سانورا!

ناچڻي                    شاعري                    علي ذاهد

علي زاهد جي هن بيت جيان جيڪي هن جي رهڻ واريون سنگريون هيون، اهي برقعا پائي وجي حويلين پيڙيون ٽيون ۽ هن جا جيڏا سرتا وري شاعر ۽ اديب بنجي وڏا ماڻهو ٿي سماج جو سنيهو ۽ اهجاڻ بنجي اڀريا. سدا سڪيو رهي علي زاهد ۽ ڪيئي ڪاوشون رچي سنڌ کي سائو ڊائو بنائي.

**سرمد چانڊيو**

**ميراڻي محلو. لاڙڪاڻو**

**7 مارچ 2008ع**

**پنهنجي پاران:**

مان ....

شاعر، ابنِ شاعرناهيان،

مان صرف شاعر آهيان،

نہ صرف شاعر آهيان پر

کهاڻيڪار، ڪالم نگار، مصور، اداڪار، ۽ موسيقار بہ !

هر فن مولا،

هر فن اڌورا!

پوءِ پورڻتا ڇا آهي؟

پورو تہ هي جهان بہ ناهي، انسان بہ ناهي،

پورڻتا تہ فنا آهي،

مون کي بہ فنا آهي.

پر شاعريءَ کي ثبات آهي

ان ڪري مان جيئندس

ڇو تہ مان شاعر آهيان

تخليق کي بہ ثبات آهي،

مان جيئندس

ڇو تہ مان تخليقڪار آهيان.

اڻ پورو يا پورو؟

اهو بحث پئي پيري، اهميت ان ڳالهہ کي ٿا ڏيون تہ مان شاعر آهيان. پهرين شاعر آهيان، پوءِ پيو ڪجهہ. ٿيڻ تہ مصور پئي چاهيم!

رنگن، برشن ، ڪينواس ۽ منظرن سان پڪي ياري هوندي هئي، تڏهن، جڏهن هاءِ اسڪول ۾ ڊيسڪ تي ويهي امداد ناريجي سان بحث ٿيندا هئا. هو ادب جو شوقين هو، ڪهاڻيون بہ ڏاڍيون پليون لکيائين. چوندو هو: ’آرٽ ڪان وڌيڪ اهميت ادب کي آهي، ڇو تہ ادب، ماڻهوءَ کي گهڻو ويجهو آهي.‘

چوندو هئومانس: 'آرٽ ئي سپ ڪجھ آهي. آرٽ نہ هجي ها تہ دنيا جي خوبصورتيءَ ۽ جذبن جي پهرئين اظهار جو تصور ٻاڙو هجي ها. ڀلا موناليزا جي مرڪ کي شاعريءَ ۾ ڪيئن ٿو محسوس ڪرائي سگھجي؟ يا ڪهاڻيءَ ۾ ڪيئن ٿو بيان ڪري سگھجي؟ ڪوشش ڪبي تہ بہ اڌوري ۽ اڻپوري هوندي، ان ۾ اها سندرتا ۽ معصوميت نہ ٿي ڇٽي سگھجي، جيڪا تصوير وسيلي مصور ڏيکاري آهي. انڪري ادب پوءِ آهي، پهرين آرٽ آهي.'

پر هُو ضديرو، چوندو هو:

'ادب سواءِ زندگيءَ جو تصور ناممڪن آهي، اهو ادب ئي آهي جيڪو زندگيءَ کي اصل گس ۽ پيچرا ڏسي ٿو.'

اسان جا بحث ماضيءَ جي ڪنهن ڍنگهريءَ ۾ اٽڪي نہ جاڻ ڪاٿي رهجي ويا ـ فرڪو ڦريو ـ چرخو ابتو هليو، امداد وڃي سنڌ يونيورسٽيءَ مان فائين آرٽ ۾ ماسترس جي ڊگري ورتي ۽ پنهنجي گھر ۾ قدِ آدم جيڏا مجسما پيو ناهي ۽ ڪيترن ئي ڪينواسن کي مونا ليزا جهڙيون مرڪون ارپي رهيو آهي.

۽ مان .....

مصور بدران شاعر بڻجي ويس. برش الائي ڪاڏي رهجي ويا، رنگ الائي جي ڪيڏانهن هليا ويا، ادب اچي ڳراٽڙي پائي پنهنجو ڪري ورتو. شاعريءَ جي شرير ڇوڪريءَ سان اهڙو پيچ اڙيو جو عشق ۽ جنون جي حد تائين زندگيءَ جو حصو بڻجي وئي.

تڏهن مون ڏٺو تہ ادب بہ تہ آرٽ آهي. بلڪ ائين ڪٺي چئجي تہ ادب ۽ آرٽ هڪ ٻئي جو جز آهن. هڪ ٻئي جو بڻ بنياد آهن، هڪ ٻئي جا ويجها مائٽ آهن. هونءَ بہ ڏاهن تہ ٻنهي کي هڪ ئي ڪُڙم جي لوڙهي ۾ ويهاريو آهي.

فنونِ لطيفہ جو خاندان.

شاعريءَ طرف مائل ٿيڻ وارو تجربو ڏاڍو دل فريب ۽ ملهائتو ثابت ٿيو، ڇو تہ شاعر هميشہ تاريخ جي بربريت کي نشانو بڻائيندو آهي.

جڏهن هو پاڻ کي سماج سان ڳنڍيندو آهي تڏهن ان عمل کي هو پنهنجي دور جي سونامي سمجهندو آهي، اهو تمام وڏي ۽ ڳوڙهي سوچ وارو مامرو آهي، جيڪو جديد دنيا جي لاءِ سمجھ کان ٻاهر ۽ اڻ ٽيڙو ٿيندو پيو وڃي.

نظم جي فطرت سرشاريءَ جي جشن جهڙي هجي ٿي. هر نظم سرشاريءَ جو جشن ۽ پنهنجي دور جي وحي هوندو آهي. شاعري انسان ۽ تاريخ جي رشتن کي مضبوط ڪري ٿي، تاريخ جو ٽِنگ پرڻ کان پوءِ ان جو وجود ماٽي سگھجي ٿو.

سچي ۽ انقلابي شاعري اصل ۾ غيبي ۽ وجداني شاعري هوندي آهي. شاعريءَ جا بنيادي جزا:

تاريخ ، معاشرو ۽ ٻولي هوندا آهن.

لکڻ ڏاڍو اوکو ڪم آهي. پر جڏهن لکڻ اچي وڃي تہ پوءِ نثر جي ڀيٽ ۾ نظم لکڻ ڏکيو ڪم هجي ٿو، نثر ۾ هڪ ڳالھ چوڻ جا ڪيترائي گس ۽ رخ هوندا آهن پر شاعريءَ ۾ صرف هڪ ئي رخ هوندو آهي. شاعراڻي لفظ جو ڪو بہ متبادل نہ ٿو ٿي سگھي. شاعراڻي ٻولي، ابهام جي شراڪت قبولي وٺندي آهي، جنهن جي ڪري حقيقت وجود ۾ ايندي آهي ۽ اسان تائين پهچندي

آهي. شاعريءَ ۾ تشبيهہ نہ صرف حقيقت جا رخ نروار ڪندي آهي پر حقيقت کي ننگو ڪري،ان کي پورٽتا جي شڪل ڏئي اسان کي ڏيکاريندي آهي.

نظم هڪ وجداني تشبيهہ هوندو آهي.

يا تشبيهہ جو نہ ورهائجڻ جوڳو جهند يا ميڙ.

لفظ ابهام جي ڪائنات هوندا آهن

لفظ ڪومل هوندا آهن، خوبصورت ۽ پر اثر بہ هوندا آهن.

لفظ خراب بہ هوندا آهن.

وائڙا، فضول ۽ بي چسا بہ ٿي سگهن ٿا، ماچيس جي تيليءَ جو شعلو بہ ٿي سگهن ٿا ۽ ڪنجوسائپ مان لڳايل سگريت جو آخري ڪش بہ ٿي سگهن ٿا. جيڪي چپ انهن کي ڇهڻ يا اُچارڻ جي ڪوشش ڪن، انهن کي ساڙي بہ سگهن ٿا.

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن مقررَ يا نقاد يا نانءُ ڪَنئي دانشور جي جملن جي بوڇاڙ ان حقيقت جو ثبوت پاسندي آهي.

شاعري هميشہ اڄاتي رخن جي راهي هوندي آهي ۽ اسان کي بہ ڇيچ ڪان وٺي، هلڻ تي مجبور ڪندي آهي. اجوڪي دور ۾ شاعريءَ جي غير ضروري دعوائن جو حوالو ڏيڻ ڪل جوڳي ڳالهہ آهي.

ظلم، ڏاڍ، جبر ۽ ناانصافين جي جواب ۾ ڇا چوڻ گهرجي؟ ۽ ڪيئن ڪجھڻ گهرجي؟ وارا سوال برداشت کان ٻاهر ٿيندا پيا وڃن!

شاعري انهن سوالن جا جواب پاٽمرادو ڏيندي.

باقي اڄ جي مشيني دور جي ماڻهوءَ مان اهڙي توقع رکڻ، ٻہرن کان پير گهرڻ جي برابر آهي.

جڏهن بہ واڪا ڪجن ٿا، جڏهن بہ ان ايندڙ اذيت جو چتاءُ ڏجي ٿو، تڏهن سڀ چون ٿا:

’توهان جا خدشا، هڪ تصوراتي اذيت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهن!‘

۽ مان چوان ٿو:

’جيئرو رهڻ هڪ مڪينيڪل اذيت آهي ۽ اسان جون زندگيون استعمال کان پوءِ اڇلي ڇڏڻ جي شئي بڻايون ويون آهن.‘

مون ڪتاب پڙهيا. مون کي لفظن سان عشق ٿيو.

۽ شاعري منهنجي رڳن ۾ سُر سُر ڪرڻ لڳي. مون کي ياد آهي، منهنجو پهريون غزل ، پاراٽو تي لڳو. تڏهن بہ پنهنجي مُنهن پڙهندو رهندو هئس. هر هر پاڻ کي دادُ بہ ڏيندو رهندو هئس. غزل ۾ ڪتب آندل لفظن جو ڪهڙو مطلب هو يا ڪهڙو مطلب نڪرڻ گهرجي؟ انهن ڳالهين کان بي پرواهہ ، مان تہ ان غزل جي لفظن جو عاشق ٿي پيو هئس، اهي لفظ جيڪي مون پنهنجي امڙ کان سکيا هئا، اهي لفظ جيڪي پاروٿڻ ۾ ڳوٺ جي ڳلين ۾ رانديون رهندي سکيا هئا. اهي لفظ منهنجي جيئري جاڳندي دنيا جا لفظ هئا. مال جي ڳچين ۾ ٻڌل ٽلين جي آواز جهڙا خوبصورت لفظ ، هوا ، سمنڊ، اوني وڳ جي پيرن ۾ ٻڌل ڇيرن جي ڇم ڇم وٽن تي وينل پکين

جون ٻوليون، ڀر واري ڳوٺ کان ايندڙ اٺي جي چڪيءَ جي ٺُڪ ٺُڪ جو آواز، گهرن جي اڱڻ ۾ جنڊ جي گهر گهر، چيڪلي جا چيڪات، هوا جي جهوٽي سبب ٽالهين جي پنن ۾ ايرندڙ سيسڙاٽن جو آواز. اهي سمورا آواز منهنجي شاعريءَ جا آواز هئا. پر منهنجي اها سموري شاعري اميچوئر هئي، جيڪا ميچوئر ٿيندي ٿيندي نه ڄاڻ ڪيڏانهن غائب ٿي وئي!

هاڻ جڏهن اڪابرن چواڻي ته:

منهنجي شاعري ميچوئر ٿي وئي آهي، تڏهن ان مان مٿيان سمورا آواز ڄڻ غائب ٿي ويا آهن. صرف هڪ ئي آواز وڃي رهيو آهي: درد جو آواز ، جڏهن لطيف سرڪار ڇپر ڇانوَ ڇٽيو تڏهن ڪَن ۾ سڙٻاٽ ڪيائين ته :

الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.

تڏهن مون پنهنجا سمورا آواز ڏاهپ ڪي وڪڻي ڇڏيا.

۽ موت ۾ ڏک ورتو جنهن سان منهنجي تقريبن سموري شاعري مالامال آهي. ڏک جيڪي ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو اڪثر حصو آهن. مون به پنهنجي ذات سان سلهاڙيل ۽ دان ۾ مليل ڏکن کي ڪلمي وانگر پنهنجو ڪري ورتو آهي پر ڏاهو ٿيڻ ۽ سماج جا ڏک سسيفس جي پٿر جيان پنهنجن ڪلهن تي کڻڻ واري عجيب خواهش مونکي منهنجون رولاڪيون ارپي وئي آهي.

گوتم، ٻنواس ڪاٽڻ ۽ دنيا تياڳڻ وارو عظيم فيصلو ئي تڏهن ڪيو هو جڏهن هن پهريون ڀيرو ڏک کي ويجهو کان ڏٺو ۽ محسوس ڪيو هو. مون سدائين، ساون وڻن جي سونهن ۾ سُڪي ۽ سڙي ويل وڻ جي ڳولا ڪئي آهي.

زندگيءَ جا 6 سال صحافت جا اُٺ چاريا آهن ۽ مزدوريءَ ۾ بک، رولاڪيون، ڪجهه دوست، ٿورڙو نالو، شهرت ۽ ٻه ٽي ڏاٽا عقل جا پلئه پيا.

حيدرآباد جون هوائون، ادائون، ارڏائيون ۽ نامراديون به ماضيءَ جي ميراث ٻڻجي چڪيون آهن. ان شهر ۾ جتي شاعر گلزار جي ڪردارن جهڙا ارڏا دوست مليا، اتي دودي جا پائر چنيسر به مٽي ۾ لڳا، جن جي چالاڪين، لالچن ۽ ڪنور پڻي هميشه وفا ناٿن شاهيءَ جي هن شعر جو ورد ڪرايو:

**عمر گذري وئي حسين جيان،**

**جو مٽي ۾ لڳو يــــــزيد لڳو.**

زاهد عباسيءَ جي حيثيت سان منهنجو جنم پلجان خانپور ۾ ٿيو هجي، پر علي زاهد جو جنم قنبر ۾ ٿيو. ان شهر سان ڄڻ منهنجي ازل کان انسيت رهي آهي ۽ منهنجي زندگيءَ تي ان شهر جي جيڪا ڇاپ ڇڏيل آهي، اُها هميشه رهڻي آهي، ڪڏهن به ختم ناهي ٿيڻي.

ڳيپي جي ڳولا قنبر جيان جڏهن بلوچستان جي پهاڙن جا پنڌ ڪرايا، تڏهن خانه بدوشن سان ايترو ته ويجهو رهڻ جو موقعو مليو جو دل ۾ خانه بدوش ٻڻجي وڃڻ جي آشا جنم ورتو. اهو ڄاڻڻ کان سواءِ ته خانه بدوشي زندگيءَ جي هڪ فلسفي جو نانءُ آهي ۽ شاعريءَ جي ڏکين صنفن منجهان هڪ آهي. ان دوران مان تصور ۾ خيمن واري هڪ ناٽڪ منڊليءَ ۾ وڃي پڇندو هئس ۽ اتي رسين تي هلڻ وارن جا خواب ڏسڻ لڳس. پر منهنجي حصي جون رسيون شايد اڃان ٺهيون ئي ڪو نه هيون، نه پيرن لاءِ، نه ئي

ڳچيءَ لاءِ. چو تہ اهي رسيون ٺهي راس ٿيڻ کان اڳ اها غير خانہ بدوش چوکري منهنجي آڏو اچي بيٺي هئي، جنهن مون کي هڪ پيرو پيهر خانہ بدوشيءَ کان ڪيترائي نوري سال پري ڌڪي ڇڏيو هو.

مان خانہ بدوش تہ نہ بڻجي سگهيس پر خانہ بدوشن جو قرض لاهڻ جي ڪوشش ضرور ڪيم. انهن تي نظم لکيم، جيڪو پڻ هن ڪتاب ۾ موجود آهي. اهو نظم 'خانہ بدوش'لکيو تہ اردو ۾ هئم پر بعد ۾ سنڌي ۾ بہ ان جو ترجمو ڪيم، نظم اردو ۾ لکڻ شعوري نہ هيو. مان تہ ان ڳالھ جو قائل آهيان تہ خيال کي اهميت آهي، پوءِ اهو جنهن بہ ٻوليءَ ۾ اچي.

منهنجي زندگيءَ جي ڪمائي

شاعري،

دوستيون،

۽ عاشقي

پر سڀ جو سڀ بي ترتيب ۽ اٿپوريون.

منهنجي زندگي، منهنجون دوستيون، منهنجي شاعري ۽ منهنجي عاشقي بہ بي ترتيب ۽ اڌوري.

جيڪا شاعري هٿ آئي اوهان جي هٿن ۾ آهي.جيڪا گم ٿي وئي، اها ڇڻ منهنجي شاعري هئي ئي ڪا نہ. منهنجي قسمت ۾ خانہ بدوش ٿيڻ تہ ناهي لکيل، تڏهن بہ مون سمنڊن جيڏا فاصلا طئہ ڪيا آهن. پاڻ کي پراسرار طور تي جيئرو رکيو آهي ۽ بي رحميءَ سان شاعري ڪئي آهي.

مون ۾ عشاقن جون سموريون خاميون ۽ دليل موجود آهن، مون هميشہ مدلل عشق ڪيو آهي، جنهن سان بہ ڪيو آهي، پوءِ اها ڌرتي هجي، سرتي هجي يا شاعري.

منهنجا گهر ڀاتي، منهنجا مٽ مائٽ ۽ منهنجا ڀائر منهنجي جيئڻ جو ڪارڻ ۽ منهنجي همٿ جو جواز آهن.

منهنجي امڙ جو چهرو اهو آئينو آهي جنهن ۾ مان مستقبل جا ڳس ۽ پيچرا پسندو آهيان.

منهنجو وجود دوستن جي ٿورن ٿڌن جي بار هيٺان دفن ٿيل آهي، بس رڳو ذڪر ان بزرگ جو ڪجي ٿو جنهن جي چهري جون ريڪائون ڏاهپ ۽ دانائيءَ جا دليل آهن. سرمد چانڊيو جا ٿورا ضرور مڃيندس، جنهن مهاڳ لکي مانُ ڏنو. پيارا دوست سعيد سومري جا پڻ وڏا قرب، جنهن ڪتاب ڇپرائي يارِغار هجڻ جو ثبوت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. علي آڪاش جا بہ ٿورا نہ ٿو وساري سگهان جنهن ڪتاب جي ترتيب ۽ گهٽ وڌائيون دور ڪرڻ ۾ روح سان رهنمائي ڪئي. پياري حسام ميمڻ عزيز قاسماڻي، ستار هليو، ايوب گل، مارو جمالي، پنهنجي پيارن ڀائرن عابد علي ۽ ڊاڪٽر جاويد عباسي جا وڏا وڙ، جن صلاح مشورا ڏنا ۽ ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ اتساهيو.

آخر ۾ پنهنجي دل جي ڳالھ لطيف سرڪار جي هن بيت وسيلي اوهان تائين پهچائي اوهان کان موڪلائيندس:

گوندر ڪيو غرق، ماءُ! منهنجو جندڙو،

ڏکوين مرڪ، متي سڳر پنڌڙو.


# علي زاهد

ڳوٺ ۽ پوسٽ خانپور، ضلع دادو

Cell: 0300 3258730 / 0334 4885700




# شاعري

موڪيءَ وتي وڏائي، درويش مسڪرايو،
مخمور ٿي خدائي، درويش مسڪرايو.

ساري حيات رقصان، چاهت جي پيچرن تي،
پر ماڳ نارسائي! درويش مسڪرايو.

وارن جي چانورن ۾ ڪنهن ٽَڪ پڳو ازل جو،
نيڻن ۾ ننڊ آئي، درويش مسڪرايو.

سالار ڪي سڪندر، ڪيڏا وڏا تونگر!
تن جي ڏسي ڪَمائي، درويش مسڪرايو.

ڪو عشق ٿيو نہ پورو، سپنو نہ ٿيو ڪو ساپيا،
وئي عمر هيءَ اجائي، درويش مسڪرايو.

چهري ۾ گُهنج مهڪيا، ڏڪڻي لڳي هٿن ۾،
جوين ڪئي جدائي، درويش مسڪرايو.

❊

## دلِ عُشاق

اي دلِ عُشاق! توکي،
کو نئون انجام گهرجي.
ويجُ کوئي نئون کَپي ٿو.
ڪا نئين مرهم کَپي ٿي،
زخم ڪورو کو رَسڻ لئہ،
عشق پيو ناکام گهرجي.

پنهنجي جذبن جا هرڻ ٿا،
ڪنهن نئين تَـڙ کي تلاشن.
۽ ازل جا ٿڪَ پنهنجا،
ڪنهن نئين بَـڙ کي تلاشن.
ڪا نئين ٿي چانوَ گهرجي،
کو نئون وسرام گهرجي.

سُور جي سرحد ٽپيو هان،
راحتون پي خوب ماڻيون،
صبر جا ليکا لتاڙيا،
نفرتون پي خوب ماڻيون.
کو نئون اقرار گهرجي،
کو نئون الزام گهرجي.

دوستيءَ مان دل نہ ڍاپي،
عاشقي کُتي نہ آهي،
هيءَ حياتي مختصر ۽،
پي وري ملڻي نہ آهي.
او چري! آهيان ٿَکو پر،

ڪئن چوان،آرام گهرجي.

شهرِ ناميد ۾ بس،
يادگيريون ڪوڙ ئي ٿيون،
عاشقيون، رولاڪيون پيو،
۽ بي باڪيون ڪوڙ ئي ٿيون.
ڪو نئون رستو ڪپي ٿو،
ڪا نئين ٿي گام گهرجي.

اي دل عُشاق! توکي،
ڪو نئون انجام گهرجي.

*

ڳوڙهي مندر تو ڏِسي حيرت منجهان،
ڪنهن جو اندر تو ڏِسي حيرت منجهان.

ذات منهنجي ٿي لتاڙي ڪائنات،
۽ سڪندر تو ڏسي حيرت منجهان.

سڄُ ساحل جي وٽن ۾ تو لهي،
۽ سمندر تو ڏسي حيرت منجهان.

تو وڃي مسجد منجهان ڪو سائرن،
۽ ڪو مندر تو ڏسي حيرت منجهان.

وڻ تناور ٽا ڪِرن طوفان ۾،
۽ تونگر ٿو ڏسي حيرت منجهان.

ناوَ ۾ ٽئگور آهي سير تي،
گڏُو بندر ٿو ڏسي حيرت منجهان.

چو الئه 'زاهد' لڳي ٿو اوپرو،
گاج منظر ٿو ڏسي حيرت منجهان.

❉

## زيارت جي وادي

دل چوي ٿي اڄ مٿي ڪو نظم لکجي!

ها مگر، لکجي ڀ ڇا تي؟

ڪوڙ موضوع، ڪوڙ منظر، ڪوڙ سارا مسئلا،

رات باقي آ بچي،

۽ پرهه پئي پرڙا ڪٽي،

چاڙ پنهنجا ڏنگ تاٽي،

ڏينهن ايندو ڏيهه تي.

عڪس تنهنجا ٽا اچن

ذات منهنجيءَ ذي ڪَهي

جيئن الهڙ ذي وهي.

اتساهه ٽا ڪيڏا اچن،

پاوَ ٽا من ۾ اٿن

توتي لکان؟

يادگيرين جي اٿل

۾ صنوبر جي وٽن جي ڇانوَ ۾

توسان مٺي گھاريل سي پل....!

چندڪ زيارت جي پهاڙين مان ليئا پائي ڏسي،

سرد جهوتا واءُ جا

وادين جي ڪُڪ مان واڪا ڪري

توکي ڇهن!

مونکي ڇهن!

چوڏسا جڏهن سانت ٿي پهرا ڏئي،

تڏهن ۾ جڏهن شهر سارو، راهرو، رستا ۽ گهر

سڀ منجمند ٿي ويا هجن!

پر اسان جو پيار ڪاٿي منجمند ٿي ٿو سگهي،

هر حال ۾ جِي ٿو سگهي.

تو هو پڇيو ڪيڏو ادا ۽ ناز سان:

’ڪيتري چاهت اٿئي؟‘

مون سندءِ چهرو چمي

ساڳيو ئي سوال ڪيو هو،

وادين کان،

ڏور، چوٽيءَ کي چمندڙ

رول ڪکرين کان پڇيو هو

۽ صنوبر سان بہ ڪئي هئي گفتگو:

”او صنوبر!

”ڇانوَ پنهنجيءَ کي ڪري ساکي ٻڌاءِ،

"تنهنجي لامن مان چٽندڙ نوُر جئن
"چنڊ جي ڪرڻن ڪئين،
منهنجي مٿيءَ جي ورورڪڙ وارن سان آهي راند ڪئي،
"او صنوبر!
تنهنجي سائي پوُر جو توکي قسم
منهنجي محبوبا جي ڳل تي
"جئن ڏنئي منهنجون چميون
"برف جي ورڪا ڪڏهن توکي ڏنيون ! ؟

❊

## رولاڪ

مان به رولاڪ هُس
دل به رولاڪ هئي.
منهنجون سوچون ۽ گهُورون به رولاڪ هون،
منهنجون رولاڪيون،
منهنجون بي باڪيون،
مونسان گڏ ئي رهيون،
منهنجي من ۾ سوين ڪهڪشائون هيون،
۽ گهٽائون هيون،
هيءَ جواني هئي،
ڪا ديواني هئي،
جيءَ ارڏو هيو،
جو نه نيرين نه ڪارين
نه ناسي اکين جو نشانو بڻيو

ڪڏهن ڪنهن جي گهُورن جي
ڪُنڊين ۾ ڦاٿو نہ ڦٿڪيو هيو،
منهنجي نيڻن ڪڏهن ڪنهنجو اوسيئڙو پيي
سِکيو ڪين هو
ڪڏهن چپ مضراب بڻجي سگهيا ئي نہ هئا
ڪنهن جي ڳلڙن جون تارون ڇهيا ئي نہ هئا،
من ۾ مستيون هيون
سوچ جون ڪي نہ واٽون نہ، منزل هئي
ڪنهن وفا جون نہ آسون، اميدون هيون
ڪنهن جفا تي ڪي ڳوڙها ڳڙيا ڪين هئا،
پو بہ اندر ۾ هڪ ڪوٺ ڪُتڪي پئي
زندگي ڪا اونداهي گڦا هئي جتي
پيار جو ڪو نہ ڏيئو، ڏياٽي هئي،
يا مٿي ڪوئي اهڙو منارو هئس،
ميڪدو جنهن ڪڏهن ڪو ڏٺو ئي نہ هو
جيڪو مٿ ڪان ۾ موڪيءَ ڪان وانجهيل هجي،
پر مٿي توسان نيڻن جو ناٽو رکي،
مان بدلجي ويس،
سڀ بدلجي ويو.
سڀ موجون ۾ مستيون اجايون لڳيون
سڀ رستا ۾ راهون اجايون لڳيون
نيڻ تنهنجا مٿي ڪڙڪيپيتا هئا.
ڳگهہ اونداهہ ۾،
جن ڏسيا پيار جا پيچرا ڪيترا!

منهنجي آرهڙ جهڙين اکين لئہ سچي

تنهنجا مژگان ٻڌجي ويا ڇانورا

تنهنجي وارن جو پيلي ٿيڻ ۾ متي!

لطف هو ايترو

جو سموريون رولاڪيون ئي وسري ويون

۽ سموريون بي باڪيون ئي نڪري ويون،

ياد هاٽي اهو پيي نہ آهي رهيو

مان بہ رولاڪ هُس!

دل بہ رولاڪ هئي!

❊

جا دعا هئي گهُري ڪنهن جي ايمان ۾،
ماڳ ملٽو هيو تَنهن جي امڪان ۾.

زندگيءَ جو سفر مرڪندي طئہ ڪبو،
ڪهڙو ماتم ڪجي، ڪنهن جي ارمان ۾!

پنهنجي اندر وڏيريون ڪٽائي پتيون،
ڇوٿو ويهڻ گهرين پنهنجي زندان ۾؟

جهاڳ ئي جي مقدر ٻٽي ناڪئا!
ڪول سڙهہ، لاهي ڇڏ ناوَ طوفان ۾.

رات هُن جي پناهن جو ڏئي آسرو،
وئي اسان کي ڇڏي ڪهڙي شمشان ۾!؟

زندگي، زندگي اڄ رهي ڪونه آ،
آهه توهر ڦٽو ڪو بيابان ۾!

❉

نچين تون، نچي تي هوا ڏاڪٽي،
او موهن دڙي جي امر ناچڻي!

جتي تون نچي آن، نچڻ ٿو گهران،
جتي تون گهمي آن، جُهڪڻ ٿو گهران
آ پيرن جي تنهنجي مٽي جاچڻي،
او موهن دڙي جي امر ناچڻي!

تون اڄ ٻي ستارن ۾ پٽڪين پئي،
۽ چوڏس نظارن ۾ پٽڪين پئي،
محبت جي رهجي ويل راڳڻي،
او موهن دڙي جي امر ناچڻي!

ڏُکن ۽ سکن جا لاٻارا ٿيا،
۽ سنسان جيون جا پارا ٿيا،
اميدن جي بس پار آ ڳاهڻي،
او موهن دڙي جي امر ناچڻي!

ڏسون کيرُ ٿو پاڻ ارپن ڪري،
ڏسون کيرُ ٿو ديپ روشن ڪري
اها رات ڪنهن کي تہ آ تارڙي،
او موهن دڙي جي امر ناچڻي!

*

وائي

ڪاڪ ٿي ڪنهنجي گهٽي،
منهنجو من ٿيو مينڌرو.

نيڻ نياپا نينهن جا ٿيا،
ننڊ ناريءَ جي ڦٽي.

سڪ مان ساري سڄڻ،
چرڪنڊِي چوري ڏٺي.

جاني! تنهنجي جُوءِ جي
مهڪندڙ موهي مٽي.

چوريءَ چوريءَ چاهہ مان،
تو مُکي مون ڏي چٽي.

دردا! مون کان دوُر ٿي،
مون ڪئي تو سان ڪِتي!

سونهن، زاهدَ! يار جي،
چنڊ کان آهي چِٽي!

منهنجو من ٿيو مينڌرو.

نراسائي

وري بن ۾ پتڪڻ مقدر ٻڌيو آ
وري روح رولاڪ وانگر رليو آ

وري واءُ توڏانهن ڪو سنديش آندو،
وري دل تنبوري نئون ساز ڇيڙيو،
اوهانجي جفا جي ڪا ٿي پئي پچاڻي.
وري دل کو آٿت جو سامان سهيڙيو.

ٿا دل جي پڌر تي ڪتڪ ڪي پڌارن
وري سوچ جي شوق سان ويڙهه ٿي آ،
چو پياسي سِپيءَ کي رڳو بوند من ۾،
هو اوندهه ۾ تانڊاڙو تمڪڻ ڇا معنا!؟

اوهان سان ملڻ لئه پيا شرط جيڪي،
انهيءَ امتحان تي ڇا پورا لٿاسين؟
اسان جي محبت جو نڪتو نتيجو،
ڪتيل ڪنهن لغڙ جي پنيان ڇڙ ڏڪياسين،
ءِ ڏاڳو به هٿ ۾ نه آيو او جانان!

*

درد جو شمار ڇا ڪجي؟
پيار جي پچار ڇا ڪجي؟

عاشقي ڇڏي ڏجي مگر،
ناهه اختيار ڇا ڪجي ؟

بس قدم پري هو ماڳ ڪان،
راهه هئي غبار ڇا ڪجي؟

راهه جي رئي پئي سمهي،
هاڻ انتظار ڇا ڪجي ؟

ٿهڪ يار جا پيا سڏن،
دارُ پيي تيار ، ڇا ڪجي؟

دوست سڀ قصا ڏئي ويا،
ڪيئن اچي قرار ڇا ڪجي؟

سوچن ۾ تون ملي آن، لفظن جا ويس پائي،
توکي جتي لکيو آ، ڪوتا ٿِي سا سڏائي.

ڏِس يار! مان ڪلا جي رٿ تي چڙهي اچان ٿو،
آغاز تي پوان ٿو، ماضي سڄو مِٽائي.

اوشا ڪٿي مِلي ها، بس رات ئي هجي ها،
جيڪر اچين نہ ها تون، بنديا مٿي لڳائي.

هيءَ رنگ رنگ چنري، ٿا گل ترن سنڌوءَ تي،
بي رنگ منهنجو جوڀن، تنهن کي بہ ڏي رنگائي.

گورک تکر ۾ ڪاٿي، يا گاج جي ڪنڌيءَ تي،
چاهت کي ڏيون امرتا، دنيا نئين وسائي.

تُوتن جا وڻ ۾ ٽالهيون، زاهد جون جِن سان ڳالهيون،
اڄ رڻ ۾ راحتن جي خواهش ڇڏيس رُلائي.

❊

## هتي تہ راڻا رُلي وجن ٿا

ٻهار ڪي ٿي هُڳاءُ آندا
مگر اسان جي اداس من جون
ڪَليون ڪُماڻيل!
اسان جي قسمت جون ڪونپلون سڀ
ڦلار رُت جي وسار ۾ هن
گلن جي خوشبو مري وئي آ
پنن جا لا شا انبار پيا هن!
اسان جي اڱڻ مٿان اسان جي
سياڳ ميگها وسي ٿي ناهي.
اسان جي من جا چڪور سارا –
بہ چنڊ راتين ڪُهي چڏيا هن
اسان جي مرڪن جا مور ساڻا
نچڻ ٿي جن ڪان پُلي ويو آ
ءِ شهرِ جانا جي سار ڪي پيي
ختم ٿيڻ جو ڪو نانءُ ڪونهي
اسان کي ايئن اوچتو اٿاري
وٺي وڃي ٿي انهن گهٽين ڏي
انهن درن ڏي،
جتي وصل جو ڏيئو بہ ناهي

جتي درين ۾

ڪو شوخ چنچل ليئو بہ ناهي!

هي موهہ پنهنجي جو رول راڻو

وفا جي رستي رُلي ويو آ

تڏهن بہ آهي

پيارَ ڳولا!

قرارَ ڳولا!

اسان مڃون ٿا

محبتون ئي تہ ڪاڪ آهن

جڙاءُ جن جو عجيب آهي

جتي هزارين ڪُسي وڃن ٿا

اڳي تہ مومل ڪان هڪڙو راڻو رُسي ويو هو

مگر زمانا!

اڙي اياڻا!

اها تہ توکي خبر بہ ناهي

هتي تہ راڻا رُلي وڃن ٿا،

سا ڪاڪ، موملَ ڪَٽا بہ ڪهڙي!

هي موهہ ماڻا پُلي وڃن ٿا.

❊

## اڙي دل الستي

نہ ڪو روج راڙو، نہ ڪا موج مستي!
وئي منجمند ٿي اسان جي چو هستي؟
اڙي دل الستي! اڙي دل الستي!

نہ پايل، نہ ڇن ڇن، نہ جهومر نہ جهاتي،
نہ ڪنهن ڏن ڇيڙي، نہ ڪنهن ڏن ڳاتي،
نہ مڏ آ، نہ موکي نہ سي محفلون هِن،
نہ ڪي هاڻ موسم اها مڏُ ماتي،
ڪٿان يار آڏيون اها پياڪَ مستي.
اڙي دل الستي! اڙي دل الستي!

نہ ڪي پيار ڳليون، نہ محبوب جو در،
اسان ڪان، اسان جو ئي وسري ويو گهر،
هي بيزار باکون، هي سنسان سانجهون،
نہ ڪا سونهن پيڙي، نہ ڪو پيار ساگر!
مهانگي حياتي، پئي ڪين سستي.
اڙي دل الستي! اڙي دل الستي!

نہ ڪو پن- پاڇو، نہ ڪو رُڃ- ڪاٽو،
حياتيءَ جي هڻ هڻ ۾ آ جيءَ ڦاٽو،
جڏهن آس جو ٽياس ٻٽيو مقدر،
نہ چو آسرو تو وفائن مان لاٿو؟
نہ ٿئي چاهنائون، وڏي تنگدستي.
اڙي دل الستي! اڙي دل الستي!

نہ ڪي پونر پوپٽ، نہ گلڙن تي ماکون،
نہ ڪي واءُ جهوٽا، نہ جهومن ڪي شاخون،

ناچڻي شاعري علي ذاهد

نہ کي گاهہ ساوا، نہ کي ڏڻ ڏاوا،
ٿيون بند ساريون جياپي جون راهون،
سڄو شهر سنسان، ويران وستي،
اڙي دل السّتي! اڙي دل السّتي!

*

جيون بنواس

هر ڪا آس نراس او سرتا!
جيون آ بنواس او سرتا!

چاڄو سورج، ڪهڙي جوتي؟
هاڻ سهيڙيون ڪنهن لئہ موتي؟
ليڙون، ليڙون من جي پوتي،
ٿياس تنگيا احساس او سرتا،
جيون آ بنواس او سرتا!

هاٽي ڪوئي ورٽو ناهي،
ديپ درين ۾ پرٽو ناهي،
خالي آڱر پيرٽو ناهي،
سُڪ: پري آڪاس اوسرتا،
جيون آ بنواس او سرتا!

جنهن سان جيون مست مگن هو،
سونهن سلهاڙيل سارو من هو،
مهڪيل ڌرتي، نيل گگن هو،
تنهن جو ناهي پاسُ او سرتا،

جيون آ بنواس او سرتا!

پيار جون جن ۾ ڏياتيون هون سي،
جيڪي مڏ جون ماتيون هون سي،
زاهد جي لئہ آتيون هون سي،
اڪڙيون اڄ تہ اداس او سرتا،
جيون آ بنواس او سرتا!
جيون آ بنواس او سرتا!

❊

سات ڏيندو ڪير هاٽي؟
يارُ ٽيندو ڪير هاٽي؟

ميڪدو موڪي چڏي وئي،
مئہ ڏي ويندو ڪير هاٽي؟

هن چڏي مرهم رکڻ آ،
گھاءُ ٽيندو ڪير هاٽي؟

تاڪ سپ پُوتي چڏيا ٿئي،
توڏي ايندو ڪير هاٽي؟

پاڻ پِيڙا، پاڻ آٿت،
غم ونڊيندو ڪير هاٽي؟

راهبر تڪجي سمهي پيا،
ماڳِ نيندو ڪير هاٽي؟

اڳ جيان زاهد! رُسڻ جاء
در جهليندو ڪير هاٽي؟

❊

پئي تون ئي جاڳين اسان جي اکين ۾،
سڄي رات ڪو خواب آيو نہ آهي.

پرين! قربُ هيءُ سونهن تنهنجيءَ جو آهي،
ائين پاڻ کي مون وڃايو نہ آهي.

اڙي درد! جيون اجا آهہ سهنجو،
صليبن اسان کي سڏايو نہ آهي.

وري دربدر ٿيڻ جي خواهش آ جاڳي،
ڪڏهن ماڳ ڪو راس آيو نہ آهي.

مليو ماڪ تي پيار آهي اسان کي،
ڪڏهن ڪنهن بہ سانوڻ وسايو نہ آهي.

❊

وائي

تِڙڪي جهڙو تاءُ

گوري تنهنجيءَ گهُور ۾!

ماڪيءَ جو ميٺاڄ ۾

پلڪيءَ جهڙو ساءُ،

گوري تنهنجيءَ گهُور ۾!

ماندي، ماندي ٿي لڳين،

چاجو آ سوداءُ،

گوري تنهنجيءَ گهُور ۾!

جهٽ ۾ منهن ڦيريو ڇڏين،

آهي سو انياءُ،

گوري تنهنجيءَ گهُور ۾!

زاهد لئہ چو آ اجاءِ

ويڳاڻو ورتاءُ،

گوري تنهنجيءَ گهُور ۾!

❊

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| آڌي | رات، | هوا | آڳر | ۾ | چانڊوڪي، |
| اجرا | اجرا | پرت | پري | ٿي | چانڊوڪي. |

پورنماسي چنڊ اڪيلو ويٺو آ،
سر تي رمجهم رقص ڪري ٿي چانڊوڪي.

مون وٽ سارَ سرءُ جيئن ايندي رهندي آ،
مون بن هُن جي ڪيئن سري ٿي چانڊوڪي؟

سَيِّ جا پاڪر سڪڻا سَڪڻا، آسارا،
منهنجا خالي ڀَڪ ڀَري ٿي چانڊوڪي.

چوڏهينءَ چنڊ نسورو آ سڪرات وتل،
ٽڌڙا ٽڌڙا ساهه پري ٿي چانڊوڪي.

ڏس ته "اياز" جئين ٿي رڻ ۾ رات ٺري،
ڪاچي ۾ تيئن تيئن ٺري ٿي چانڊوڪي.

زيارت ۾ آ برف ڳڙو مهتاب ٻڌيو،
قطرو قطرو يار ڳري ٿي چانڊوڪي.

تون ته هميشه هُن جو چوڏهينءَ چنڊ هئين،
'زاهد' توکان ڪيئن پري ٿي چانڊوڪي؟

❇

اي دل! اي مقتولِ قضا!

هوءَ اپسرا، هوءَ مينڪا
هُن جون اکيون، جام و سَبُو
طلسم آ هُن جي گفتگو
رفتار، رقصِ نوبهار
آ هاڪ هن جي ڪُو بہ ڪُو
آ عڪس هن جو خُوبرُو.
هوءَ مهجبين، هوءَ نازنين
هن وٽ سوين اسرار، يار !
مڏ جا ڪتورا تار تار
ڪي ئي ڪَڙي جا طالبُو
ڪن تا چُڪيءَ لئہ جستجو
سُرڪِي پرڻ کان بي نياز
ماٺي سُڳنڌون ئي سگهن
پو پيي وتن مست و مُدام
اهڙو ڏٺن ڪاٿي نہ جام
جنهن جي جهلڪ ئي اختتام.
هن جون اکيون ڪجليون ائين
جڻ ڪو عدم جو آ انجام
تنهن کي ڪري هرڪو سلام
پتڪي، رلي، رولاڪ ٿئي

مجنون ٿئي، مُوسيٰ ٿئي، فرهاد ٿئي
جلوو پَسي ڪوهُطور جو،
ڪو دشت لئہ ٿئي امتحان،
تيشا کڻي ڪو شوق مان
پهڻن جا ٽو پُرزا ڪري.
هرڪو يقينن کي ڀُڳل
هرڪو تذبذُب جو شڪار
هرڪو سفر کان آشنا
۽ ماڳ هر ڪنهن کان ڀُليل
هرڪو رُليل.
اي دل! تون سمجهين چو نہ ٿي؟
آ شوق جو جنهن وٽ ذرو
تنهن کي پتو، تنهن کي پَرو
هُوءَ جا سدائين جا بجا
آ حُسن هن جو تيغ زن
۽ عشق هُن لئہ آ نشان.
اي دل! اي مقتولِ قضا!
هِڪ تون ئي ناهين نامراد
ڪي ئي زمانن جا قصا
جي مون ٻُڌا، سي تو ٻُڌا
جِن ۾ ازل جي اڄ سان
چنچل چپن جي چُلبلي
مُرڪن کي ٿو ماريو وڃي.
اي دل! اي مقتولِ قضا!

تون پڻ تہ آهين آشنا
هِن شهر کان
هِن عاشقيءَ جي بحر کان
اُن زهر کان
جيڪو ازل کان آمليو
هِڪ گِيت ۾ مون پِڻ چڙيو
ان پهر کان
جنهن پل وصل جي راهہ تي
ڪي ئي گُمانن جا قصاءِ
دُوريءَ جي دردن جون دنگيون
ڪن اڻ ڏٺل پاوَن جا ڍوئي ڍير ڍير
آڻي لنگر ڪن ٽيون
اندر جي ماڳ تي.
اي دل! اي مقتولِ قضا!
پوءِ پڻ قصا هِن اٽلڪا!
جِن جي ڪُتڻ جو نانءُ ڪو؟
ايڏو وڏو آهانءُ چو
عُشاق جو؟
هر ڪنهن جو دامن تار تار
پوءِ پڻ نہ ٿئي ڪوئي فرار
هر ڪو جُڙيل جڪڙيل رهي
ٿو اڻڏٺل زنجير ۾
پنهنجي سموري عمر لئہ
هُن جو رهي گولو غلام!

اي دل! اي مقتولِ قضا!

تنهنجا بہ ڪي جڙندا قصا!

❊

اسان جي اکين ٻڌجي مثلِ حجاب،
سڄي رات پوڳيو ازل جو عذاب.

اسان ڪيف ڪارڻ ڪيا سڀ جتن،
اسان ئي نہ پيتو گهڙيءَ جو شراب!

او ريپار! هي وث سمورو چمن،
ڏئي چڏ اسان کي رڏون ۽ رباب.

اسان چَپ پاري ڪئي روشني،
اسان کان وٺو ٿا چُمين جو حساب!

❊

وائي

ياد ٿيون مون کي اچن،

خانپور تنهنجون گهٽيون!

پارُ ڪو ڪنهن ڏي ڊُڪي،

جڻ تہ ٿيون مون سان ڊڪن!

خانپور تنهنجون گهٽيون!

راند جي ڪا رُت اچي،

چاڪَ ٿي دل ۾ چڪن!

خانپور تنهنجون گهٽيون!

خواب ۾ يا جاڳ ۾،

منهنجي نيڻن ۾ نچن.

خانپور تنهنجون گهٽيون!

ڪيڏ ويا، نئيڊپڻ ويو،

پو بہ ٿيون مون کي سڏن!

خانپور تنهنجون گهٽيون!

چوڪ، چاڙهيون، گهر، پنيون،

شل نہ زاهد کان ڇڄن!

خانپور تنهنجون گهٽيون!

❊

خوشيون، ڪل، تاڙا، سنڌ ۾ آجيان ۾،
الائي تہ چا چا، سنڌ ۾ آجيان ۾!

چٽو چنڊ، وڙاهہ تو لئہ تڪي،
لُڏن ٿا سفيدا، سنڌ ۾ آجيان ۾!

پنيءَ ويل اونداهہ جي ڪُک چيري،
شفق ٿئي ٿي پيدا، سنڌ ۾ آجيان ۾!

پرين! هونءَ ته سينگار ڪا شيءِ ناهي،
اها سينڌ، سُرما، سندءِ آجيان ۾!

هُو بارش جون بوندون، ڏين تيون سنديسا،
وڄُن جا وراڪا، سندءِ آجيان ۾!

مٺي! پير پنهنجا جتي تون رکين ٿي،
اتي نيڻ منهنجا، سندءِ آجيان ۾!

❊

سڦلتائون

اوهان ئي وفائن جون واٽون ڏسيون هِن،
اوهان ئي محبت کان انڪاري آهيو!
اوهان ئي اسان جي محبت جي منزل
اوهان جي اکين ۾ رُڃون ڇو ڏِکن ٿيون؟
ڇڏي ڏيو ڇڏي ڏيو نه سمجهايو مونکي،
نه ڀهلايو مونکي،
تو ڄاڻان وفا جو سفر ناهه کُٽڻو
هي روحن جا رولا سدا لاءِ آهن
ڪٽي ٿي جواني وکون سڀ اپهريون
اها پيي خبر آ،
هتي چاهنائن جي منزل
مزو، دار جي درد وارو رکي ٿي
ڇڏيو بس او جانان!
اوهان کي ڇا ٽوڪيون؟
اوهان کي ڇا روڪيون؟
اوهان جي محبت جون جيڪي وکون هِن

پلي ٿين ٿَڪيون ۽
پلي ٿين جهَڪيون پر
اسان جي وفا جو سفر ناهہ ڪُٽڻو
آ هلڻو آ هلڻو انهن منزلن ڏي
جتي ڪئين عشاڪين تمنائون ماٽيون،
جتي هر مسافر سڦلتائون ماٽيون.

❋

## مونکي ڳائي ڇڏ

سونهن تنهنجيءَ کي ڏسي،
ڪينجهر هندورو ٿو ٿئي
هيءَ جا تنهنجي لوڏ آهي،
هوڏ آهي!
ڳهات ڏي ويندي ڪڏهن ايئن وات تي،
آسمان ۾ ڪيتريون ڪونجون ڀُلائي ٿي ڇڏين
۽ تڙن جي تاڙ ۾ نڪتل ڪَئي
ڳڀ رُلائي ٿي ڇڏين!
تو تہ پتڪائي ڇڏيا ڪَئي قافلا
جذبن سندا،
نيڻ تنهنجا، ويڻ ٿا ڪيڏا ڏين؟
ڪير ٿا تن کي سهن؟

تنهنجون نظرون ’ناترائون‘

ماڳ کان اڳ جن پڳلائي هِن چڙيا ڪيئي ’همير‘

ڪَئي شڪاري تا ٿين تنهنجو شڪار

شاهه بيڪاري بڻيا،

ديد واريءَ بيک جي لئه بيقرار

ديس پنهنجا،

ويس پنهنجا

پوئتي آيا ڇڏي

شهر تنهجي جي اڳيان چونئرا آڏي

ڪيترو ووڙي ٿَڪا!

پر ڪڏهن تو وٽ پڳا!؟

وقت جي واريءَ لَتيل

ڪيترن زخمن جو گهايل هيءُ وجود

تنهنجي نيڻن جي ٿڏين راتين منجهان

چين جا ڪي پل آيو آ گهرڻ

جنهن سِکيو ناهي ڪڏهن ڪنهن کان ڦرڻ

هاڻ تنهنجي ئي هٿن ۾ آ حساب

تنهنجي مرضي پل متي پٽڪائي ڇڏ!

يا ڇڪي ڇاتيءَ سان تون لائي ڇڏ!

مان اڌورو گيت آهيان پيار جو

چوڙ پنهنجا چپ مونکي ڳائي ڇڏ

وسوسن جي ڪوٽ کي تون ڍاهي ڇڏ

ڪيترو ٿيان دربدر، پٽڪان، رلان

وقت هن رهزن هٿان مارائي ڇڏ

يا تہ پنهنجي جيءَ ۾ ڪا جاءِ ڏي

چُپ تنهنجي، چيت جيئن من ۾ چيي!

او مٺي! ڪائي تہ پنهنجي راءِ ڏي!

او مٺي! ڪائي تہ پنهنجي راءِ ڏي!

*

وائي

مينهن- ڪڻين ۾ وهنجندي،

تنهنجي ڳُت آلي،

رنگ ٿي ارپي جوڀن کي.

پايل جي جهنڪار ۾

چادر ڇِتَسالي،

رنگ ٿي ارپي جوڀن کي.

سنهڙي پردي اوٽ ۾،

ڪارَسُري لالي،

رنگ ٿي ارپي جوڀن کي.

اوتي ڏي او پدمڻي!

امرت جي پيالي،

رنگ ٿي ارپي جوڀن کي.

ساٿ نہ ٿي جي ڏئي سگهين،

مُرڪ ئي ڏي خالي!

رنگ ٿي ارپي جوڀن کي.

*

## پرم

جڏهن بہ ڪنهن جي
رفاقتن جو
پرم رکيو آ
تڏهن الئہ ڇو
اسان جي جذبن –
محبتن جو
پرم ڀُريو آ!

❊

## نپاءُ

ڪَتين کي ننڊ ڪٽي ويئي،
۽ رات ڏئي پئي اوٻاسيون،
تي آرس پئي پرڀات پچي،
پر جاڳ جو ساٿ نڀايون ٿا،
بس مان ۽ تنهنجي سار مٺي.

❊

اچي ننڊ ناسي اکين ۾ لٿي!
خَراما خَراما بتين ۾ لٿي!

جو سينگارجي تو ڏني درسني،
اچي رِيس تنھنجين سکين ۾ لٿي!

نئين ڪا عشاقين سندي ڏندڪتا،
نئين سونھن جي اڳڪتين ۾ لٿي.

پنپوليل جو پونئرا مِڙيا شوق مان،
تہ خوشبو ڪَلين رنگ رتين ۾ لٿي!

❊

## خواب

اسان بہ تہ خواب پوکيا ھن
اجالي جاء
جمالي جا
جي ٿھڪن سان ٽڙي پوندا
انھن تازن گلابن جي
حوالي جاء
اسان جي روح ۾ رقصان
ازل کان پيار جا پاڇا
انھيء اظھار جا پاڇا
نہ جو ڪنھن سان ڪيو آھي
پيو آھي
ائين ئي روح جي رڻ تي

اسان جي پيار جو ٿوهر

جڏهن هر هر

اکين جا دوار پُوتيون ٿا

تہ جڻ سيرِ عدم آهي،

پرم آهي

تہ ڪيئي روشنيون ڦٽنديون

اسانجيءَ ننڊ۔ ڌرتيءَ تي

ڪي خوابن جون

وصل جي خوبصورت ڪنهن

حوالي جون

اسان بہ تہ خواب پوکيا هن.

❊

## وائي

منهنجي من ۾ مونجهہ نہ ڪائي.

تو وٽ چو مونجهارا؟

سونهن افق تي گهرا بادل،

منظر ڪيڏا پيارا،

تو وٽ چو مونجهارا؟

چاڻ ٿو نڪري سورج سچ جو،

رات ڪنيا پرَ ڪارا،

تو وٽ چو مونجهارا؟

سانوڻ برسيو، رمجهم، رمجهم،
مست پنيون ۽ پارا،
تو وٽ چو مونجهارا؟
زاهد – من ۾ جيڪي ترسيا،
ماٺهو هئا موچارا،
تو وٽ چو مونجهارا؟

❊

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ڪا | جذبن | سندي | ناوَ | تاري | وڃو! |
| وڃو | عشق | جي | ٻي | ڪناري | وڃو! |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| آ | اجڙيل | مزارِ | محبت | سندم، |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| اوهان | ئي | ڪي | قنديل | ٻاري | وڃو! |

ڪتيو ڪي قصا ڪاڪ جي ماڪ جا،
اڙي اوڻيو! ڏينهن ٿاري وڃو!

ڪليل ڳُٽ پنهنجي ڳَنڍيندي چيئَن،
وڃو ٿا، مگر رات گهاري وڃو!

اسان خود فريبيءَ سندي ڏندڪٿا،
اوهان پڻ اسان کي وساري وڇو!

*

خانابدوش

مان.....
هڪ خانابدوش آهيان
منهنجي ڪا به زمين ناهي،
منهنجو ڪو به گهر ناهي،
ڪا به ديوار،
ڪو به در ناهي.
ڪجهه ٻڪريون ۽ رڍون ئي
منهنجي ملڪيت آهن
بجلي، گيس ۽ پيون ضرورتون!
اهي ڇو ضروري آهن؟
مان نه ٿو ڄاڻان،
مونکي ڪڏهن به
انهن جي ضرورت محسوس ئي ناهي ٿي.

مان ڪڏهن بہ پنکي جي هيٺان ناهيان سُتو،
پلجان ڪيڏي بہ گرمي ڇو نہ هجي،
منهنجي زال،
پنهنجي رئي جو پلئہ
مون مٿان جهُلائيندي آهي،
مونکي هوا ڏيندي آهي،
تہ ننڊ اچي ويندي آهي،
سڪون سان سمهي پوندو آهيان،
پر هُوءَ پاڻ! نہ ڄاڻ ڪيئن سمهندي هوندي! ؟
مون تہ ڪڏهن بہ
پنهنجي پڳ جي پاند سان
کيس هوا ناهي ڏني.
مون ڪڏهن بہ
دروازي تي هٿ جي ٺڪڪيءَ جو آواز
ناهي ٻڌو،
نہ ئي ڪڏهن
ڳڙڪيءَ مان ايندڙ
هوا جي ٿڌي لهُري جو لطف ماڻيو آهي.
مون ڪڏهن بہ
ڇت تي چڙهي چوڏهينءَ جو چنڊ ناهي ڏٺو،
۽ نہ ئي تارا ڳڻيا آهن،
پر اٽڻ ڪپڙن جي لِهَ مان تهيل خيمي جي ڇت ۾
پيلا انسان جو پوجهہ سهڻ جي سگهہ ڪٿي؟
اگڻ جو ٿا پُڇو؟

هيءَ سڄي ڏرتي ئي تہ منهنجو اڱڻ آهي.
منهنجن ٻارڙن کي
ڪيڏوڻن جي هير ناهي،
ليلڙيون ۽ گهيٽڙا ئي
انهن لاءِ تفريح جو وڏو سامان آهن.
آئون پنهنجي اوڏڻ مان ئي سڃاپجان ٿو،
منهنجي وڏي ڀيڻ
جيڪا اڃا ڪنواري آهي،
ڦاٽل ڪپڙن ۾ چَٽيون هڻڻ جي سُگهڙ آهي.
ڪاڏي جي ڪهڙي اهميت؟
پٿر تي پڪل روٽ
۽ ڪارو ڳڙ
منهنجي نيرن بہ آهي تہ،
مانجهاندو ۽ رات جي ماني بہ،
ها، جائي....!
رات جو ڪير پيئڻ
ڪڏهن ناهيان وساريندو.
مون کي خبر ناهي تہ ٿَڪُ ڇا آهي؟
پر جڏهن بہ
ڪنهن بيمار رڍ کي ڪلهن تي کڻي
ميلن جا ميل پنڌ ڪندو آهيان
تہ ٿورو بيزار ضرور ٿيندو آهيان،
پر مونسان گڏ ئي سفر ڪندڙ
منهنجي زال

ڀن ڀارن کي ڪٽڻي هلڻ سبب
ضرور ٿڪبي هوندي.
پر نہ ئي هُن اڄ تائين ڪا شڪايت ڪئي آهي
نہ ئي وري مون
ڪانئس پڇا ڪرڻ جي ڪا تڪليف ڪئي آهي.
ڏک ۾ خوشيءَ ۾
مون لئہ ڪو بہ ڦير ناهي،
آخري پيرو
ڇهہ مهينا اڳ
پنهنجي آئين پُٽ جي جنم تي
ڏاڍو خوش ٿيو هئس.
۾ ڏک جو احساس. . . . . !
شايد مان وساري ويٺو آهيان.
پر ها. . . . .!
پوئين سال
جڏهن منهنجي ڪاري رڍ مُئي هئي
تڏهن گرم پاڻيءَ جا ڪجهہ قطرا
منهنجين اکين مان وهي
ڳلن تان رڙهندا
زمين تي ڪري
مٽيءَ ۾ جذب ٿي ويا هئا،
شايد ان کي ئي ڏک چوندا هجن!
مون وٽ نہ ڪو ملڪيت جو جهيڳڙو آ
نہ ئي مال ميڙڻ جي ڪا ڀاونا

ان ڪري ئي

نہ مون کي ڪنهن مان ڀئُہ آهي

۽ نہ ئي مان ڪنهن لاءِ خطرو آهيان.

مون وٽ ڪا بہ دعوا ناهي

ڪو بہ واعدو، معاهدو ناهي

مان امن جو اهڃاڻ آهيان.

پنهنجن پيرن جي ڇهاءَ سان

اڻڏٺل رستن جي ڌوڙ اڏائڻ

۽ نوان ماڳ تلاشڻ

منهنجن ابن ڏاڏن کان

مون کي ورثي ۾ مليو آهي،

هر ڏاپو منهنجو نئون ماڳ هوندو آهي

۽ شايد منهنجي ڪا بہ منزل ناهي!

ڇو تہ . . . . !

مان هڪ خانابدوش آهيان. . . .!

۽ منهنجي ڪا بہ زمين ناهي !

❊

## عورت

مان. . . . . .
هن دنيا جو اڌ آواز آهيان،
پر تڏهن بہ
منهنجو آواز
مرد جي ڳري آواز جي بوجهہ هيٺان
دٻجي ويو آهي،
يا ٻوساٽيو ويو آهي،
اهو شايد ان ڪري آهي جو
منهنجو آواز
هلڪو آهي-
سنهو آهي،
يا وري ان ڪري جو
آئون ڪمزور آهيان،
شايد اهو ئي ڪارڻ آهي جو مون کي
صنفِ نازڪ جو لقب مليل آهي.
هِن ڌرتيءَ تي
ڪچندڙ وڪن منجهان
اڌ وِڪون منهنجون آهن،
پر تڏهن بہ منهنجو ڪو گهر ناهي،
مان جمندي پيءُ جي گهر ۾ آهيان،
پوڙهي مڙس جي گهر ۾ ٿيندي آهيان،
۽ مرندي پُٽ جي گهر ۾ آهيان.

مون کان انڪار جا سمورا حق واپس ورتل آهن

ها باقي،

'ها' جو لفظ

منهنجيءَ زبان جو زيور بڻيل آهي.

ڪجھ ماڻھو چون ٿا تہ

منهنجي پيرن هيٺان جنت آهي،

پر مون تہ پنهنجي قدم قدم کي

سدائين مصلحت جي ٿڇڪندڙ واريءَ تي

هلندي محسوس ڪيو آهي.

ڪي چون،

مان ٿڌي ڇانوَ آهيان!

شايد نيڪ ٿا چون،

ڇو تہ

وڻ جڏهن ڇانوَ ڏيندو آهي تہ

ان کي تِيرن جيان چُڀندڙ

ڪرڻن سان مهاڏو بہ اٽڪائڻو پوندو آهي،

جلڻو پوندو آهي.

ڪنهن مون کي رحمت ڄاتو

تہ وري ڪنهن ذحمت،

مون کي سَتن قرآنن جو بہ درجو ڏنو ويو،

پر

جنهن مون کي اهو لقب ڏنو

اهو ئي مرد

مون کي پنهنجيءَ جُتيءَ جو ڪوڪو بڻائڻ جو بہ

شُغل ر ڪندو آهي.

ڳالهہ دل وندرائڻ جي ٿي تہ

مون کي گهنگهرُو پارايا ويا

پر جڏهن ڪهاڙيءَ جي تيخ

يا بندوق جو نشانو آزمائڻو پيو تہ

قدرت پلجان ڪهڙو بہ رنگ ڏنو هجي

مون کي

ڪاريءَ جو رنگ ڏئي

قتل بہ ڪيو ويندو آهي.

مان حوا جي ڌيءَ آهيان

۽ آدم جو پُٽ

پنهنجي دم جي ڏيڍ تي

مون کي استعمال ڪندو رهندو آهي،

منهنجي اهميت هوندي بہ

مان منظر تان

غائب آهيان!

شايد

مان ٽي حوا آهيان.

❊

چوٽي رُلين اچ ويهه تون، ڪو جهوُپڙو مون ۾ اڏي،
او سانوري! من موهڻي، منُ بانورو توکي سڏي.

ڪو خواب هو يا ساپيا، تو سان ملڻ چئه چا هيو؟
مون سان ملينءَ تون سِج وڏي، پر رات وئينءَ مون وٽ چڏي.

توٽي جو هيءُ جيون نراسائين منجهان گذري پيو،
ڪنهن موڙ تي پيهر ملڻ جي آس سانڍي جيءَ جڏي.

جي هن وساري آ چڏيو، جت پيي رهي، خوش ئي رهي،
آ مهڪ هُن جي ماس ۾، هُرندو رهي منهنجي هَڏي.

هُو جيستائين ساڻ هو، هئو چڻ تہ خوشبو سان سفر،
ڪيڏانهن زاهد ويو الئہ مِٽيءَ ۾ مون کي گڏي.

*

جبل چوٽ چڙهندڙ قطارون سڏن ٿيون،
هليا سانگِ سانگِي، سنگهارون سڏن ٿيون.

چڙهيو چنڊ چوڏهون، چڪورا نہ آيا،
ڪٿي عشق آهين؟ اڏارون سڏن ٿيون.

گهڻو ئي رُلياسين هلو گهر ہہ هلجي،
درن منجهہ اتڪيل نهارون سڏن ٿيون.

اي دنيا جا ڏنڏا! اسان کي چڙي ڏي،
سچڻ جون اسان کي سنپارون سڏن ٿيون.

اچي در وٽان تون چو موٽيو آن زاهد!
اڙي ميڪدي جون ميارون سڏن ٿيون.

❊

چوٽڪارو

چاهتون وصل جي دريچن تي،
ٺڪيون ڏيئي ٿيون ورن واپس،
خواب صحرا جا بڻجي ويا راهي،
ڏوڙ اڏري ٿي خوابگاهن ۾،
ها مڄان ٿو تہ لاٽ جيون جي،
وقت جي اوٽرن جي گهيري ۾،
ساهہ چوڙي وسامجي ويندي،
خاڪ بڻجي اڏامجي ويندي،
منهنجي اندر جي جاڳ نگريءَ ۾
ننيڙي هڪ اميد آ باقي،
تنهنجون پلڪون بہ ڪو پيچن آرس،
ديد بيدار تنهنجي ٿئي جيڪر،
لمس نظرن جو بار شون بڻجي،
مون تي وسندو ڪي اوڙڪون بڻجي،
مان جو جنمن کان جلندو آيو هان،
جيئن پرندڙ جبل پري چپ چاپ

مون ۾ جيڪي بہ توسان لاڳاپيل،
خواب سارا رکيا اٿم سانڍي،
سپ ستارا رکيا اٿم سانڍي،
۽ نظارا رکيا اٿم سانڍي،
توسان گڏجڻ جي آس جي ڪيسين،
اڌ ٽڙيل پنکڙي رهي جيئري،
ڇا خبر ڪنهن گهڙيءَ جهري بہ پوي،
دل ۾ جا آس آ، مَري بہ پوي،
وصل ورهين سندو هجي نہ هجي
هڪڙي پل ڪاڻ ئي اچي وڃ تون،
مون کان پنهنجون امانتون وٺ ۽
مون کي ڏئي ڇوٽڪارو وڃ مونکان
مون کي ڏئي ڇوٽڪارو وڃ مونکان

❊

آ رات لڙي مون نيٹن ۾ ڏِس ڪيڏا خواب سجايا هن،
مان ڪئن وسهان، مان چو وسهان هي سارا سانگ اجايا هن.

ٿو وقت ڏُکي راڪاس جيان، ويندو هيءُ جوين جاڙ ڪري،
ٿو آڱرين تي آنءُ ڳڻيان، جي توبن ڏينهن وڃايا هن.

مون چيلهه ۾ هن ڪي ٻانهن وجهي، هر شام پسار ڪئي جن تي،
سي رستا مون ڪي ٽوڪن ٿا: تو ڪهڙا ساٿ نڀايا هن.

آ ماڙين پويان سڄُ ٻڏو ۽ پورهيت جو هڪ ڏينهن پُنو،
ٿو ريڙهي سان گهر ڏانهن وري، هُن رپيا ٽِيهه ڪمايا هن.

او چندرما ٿو آنءُ پُڇان، تو ڪنهن سان پيار ڪيو آهي؟
ڇا تو بہ چڪورن جئن اُڏري، هُن اپ جا پنڌ پُڄايا هن؟

❊

ڏُن هجر جي آهي، درد کو نچي ٿو پيو،
کو وصال جو لمحو، روح ۾ رچي ٿو پيو.

ٽُڙ سانت بيٺا هن، پَنَ پَنَ واڪا هن،
لام، لام پن چڻ جو خوف جڻ نچي ٿو پيو.

رات ڏئي ٿي مايوسيون، باک آس ٿي ارپي،
نيٺ هوءَ به اچڻي آ، حوصلو پچي ٿو پيو.

سرد رات، تنهائي، ياد، درد ۽ سوچون،
مون ۾ منهنجي جذبن جو مچ کو مچي ٿو پيو.

روز خيال واٽيان ٿو، روز راز ماٽيان ٿو،
روز جاڳ ۾ زاهد! خواب سو اچي ٿو پيو.

❊

پنجڪڙا

وقت سان ويڙهاند ۾ ٿڪجان نہ ٿو،
پَلَ تقاضا ڪن پيا وڙهندو هلان،
ماڳ آهي اڳيرو، رڙهندو هلان،
وار زبرا پيا ٿين، وڍجان نہ ٿو،
وقت سان ويڙهاند ۾ ٿڪجان نہ ٿو.

❊

نيڻ ڪارا ٿا سڏن مون کي پيا،
مان ادائن ۾ ٿو گم ٿيندو وڃان،
جڻ خلائن ۾ ٿو گم ٿيندو وڃان،

ۓ ستارا ٿا سڏن مون کي پيا،
نيڻ ڪارا ٿا سڏن مون کي پيا.

❊

يار ڪاڏي ٿي وڃي هيءَ رهگزر،
پنڌ جنهن تي مون جُڳن کان آ ڪيو،
ٿَڪُ هاڻي روح ۾ ويهي ويو،
ماڳ ڪو ملندو؟ ڪڏهن ڪُٽندو سفر،
يار ڪاڏي ٿي وڃي هيءَ رهگزر.

❊

چا الائي ٿي ويو آ پاڻ کي؟
رات جون راتيون ٻه موهِن ڪين ٿيون،
مهجبين اکيون ٻه ڏوهن ڪين ٿيون،
پنهنجو ئي قيدي ڪيو آ پاڻ کي،
چا الائي ٿي ويو آ پاڻ کي؟

❊

ٿي عمر وچي هلندي، پيرا تو پريا ناهن،
مون جيئن ٽِڪن تو لئہ، هي پَلَ چريا ناهن.

اي يار پُڄاڻا تو، بس رات رهي آهي،
ڏِس من- دريچن تي، ڪي ديپ ٻريا ناهن.

بيچين هوا ۾ ڪيئن، ڏس لام لُڇي ٿي پئي،
جي صبح اڏيا پنڇي، سي شام وريا ناهن.

آ پڪ انهن مان ڪو، تو وٽ پُڳو هوندو،
سڀ سڌ پڙاڏا ٿي، مون ڏانهن وريا ناهن.

تون ننڊ- جذيري تي، مان جاڳ- سفيني ۾،
هي خواب تڏهن جانان! توڏانهن تريا ناهن.

ڇئہ ڪيئن ڀلا زاهد، هيءَ سنڌ سُکي ٿيندي؟
هر دور غلاميءَ جو، هي ڳَٽ ڳريا ناهن.

❊

## منهنجي دور جا بو بي سينڊس

رات انڌيري،
ڪيڏي گهري!
پنڌ پرانهان اڪري آيا
ڌرتيءَ ڄايا.
هو جي لوءَ لساٽيل آهن،
چهرا وِههُ وهاٽيل آهن،

سي ڪهڙا فرهاد اٿيا هن؟
جي ڪنهن شيرينءَ جي خواهش تي
ڪائي جُوءِ شير وهائڻ نڪتا ناهن
هي تہ عجب مجنون ئي آهن
جي ڪنهن ليلا جي چاهت ۾
ڀٽڪيا ناهن.
هي تہ اهي راڻا ئي آهن،
جن کي مومل موهيو ناهي،
هي تہ اهي ئي جوڳي آهن
ڪاڪ جا سارا ڻاڪ لتاڙي
سومل جا سڀ سانگ اجاڙي
ناتر جي نخرن کي ڌتاري
اڳ ڀرا ٿي نڪري آيا،
چوپڙ جي چالن ۾ الجهي
پلٽي ماري ويٺا ناهن
ڪنهن ڀي ڪاڪ محل جي در تي،
يا ڪنهن بخمل جي بستر تي،
هِرڪيا ناهن
پوءِ هي ڇاهن! ؟
شايد هي مخدوم بلاول جا هن مائٽ،
پنهنجو هر هڪ ساهُ سهيڙي
ٻُڪ- ڇڪيءَ ۾ پيڙهن ويٺا،
يا شايد منصور انهن جي
ڪَن ۾ ڳالهہ ڇئي ويو آهي

ءِ سو ڏانءُ ڏئي ويو آهي
جيڪو حق جي لاٽ ٿئي ٿو،
جيڪو سچ جي واٽ ڏَسي ٿو
جنهن تي ٻوٻي سينڌِس هلندي
پنهنجو ساهه پساهه ڏئي ويو،
ماڻهن جو ويساهه وٺي هُو
پنهنجو سارو چاهه ڏئي ويو.
هي ٻه اهي ئي ٻوٻي سينڌِس
يا تہ اهي هي دودا آهن
جن لئہ شيخ اياز! چيو هو:
'دودا تنهنجو ساهه تہ ويندو،
ماڻهوءَ جو ويساهه نہ ويندو.'

*

اسان لئہ حقيقت، اسان لئہ سچائي،
اڙي يار منصور! چاهت اهائي.

عجب آهِ راهون اسان سان هلن ٿيون!
انهن پِي آ شايد ڪا منزل وڃائي!؟

سڄي شهر ۾ اوپرو هُو اڪيلو،
اڪيلائي هُن جي عمر جي ڪمائي.

| علي ذاهد | | شاعري | | ناچڻي | |
|---|---|---|---|---|---|
| زاهد! | يار | اڙي | اياڻا، | او | اڙي |
| خدائي! | لئہ | اسان | محبت، | جي | اسان |

❊

## يار ڏاڍي آن عجيب

ڪيترو چاهين مگر
ڏِک تي اهڙي ڏئين
جڻ تہ چاهين ڪين تي،
دل ۾ جا اٽڪڻ،
پڌائين ڪين تي
خوف جا ۽ وسوسن جا
خيال سارا
جي اچن ٿا ذهن تنهنجي تي لهي
سي اڏائين ڪين تي،
ڪجهہ پڌائين ڪين تي.
تنهنجي نيڻن جي چمن ۾
منهنجي سپنن جا گلاب
ڪيترا پيرا ٽڙيا
ذڪر منهنجو
ڪنهن ڪيو تو سان جڏهن
تو اکين مان منهنجي خوشبوءِ
آهي ڦهلائي تڏهن
چاهين، لڪائين ڪين تي،

پو به ٿي سپ کي چوين،
ڪنهن کي به چاهين ڪين ٿي!
نانءُ منهنجو بي سبب
تنهنجي چپن جي تار تي
ٿو اچي مضراب جان
ڪيتري نهڪر ڪرين،
نانءُ منهنجو ٿي ڪٽين،
تنهنجو هر هڪ وار ڏئي ٿو شاهدي
منهنجي هٿن جي آڱرين جي لمس جي،
ڳل تنهنجا ڳالهيون ڪن ٿا پيا
چوهه جي لهرن سنديون
جي ڏنيون منهنجي لبن
توکي مٺي!
پاند پنهنجو پيار منهنجي کان
بچائي ٿي سگهين،
پر بچائين ڪين ٿي،
يار ڏاڍي آن عجيب،
پيار تنهنجو بي چيو،
ءِ سار تنهنجي آ عجيب،
ڪيترو ضد ٿي ڪرين
نهڪر ڪرين
هر هر ڪرين
پو پيي پئي مونتي مرين!
تنهنجي اندر ۾ سوين سوچن جي ٿي

ويڙهاند ٿئي
روز هار ائين پئي،
جيت پئي جهلکي انهيءَ مان
هار تنهنجي آ عجيب.
يار ڏاڍي آن عجيب.

*

ها پڪ وري ملبو، هيءَ آس اٿل تنهنجي،
او شال کٽين جيڪا، ٿئي وکّ سڦل تنهنجي.

هر ڏوھ نہ آ منهنجو، ڪجھ تون بہ تہ ڏوهي آن،
ڪجھ ننڊ ڦٽل منهنجي، ڪجھ جاڳ ڏنل تنهنجي.

هڪ ڳل چمي ماٽي، ۽ ڪنڌ پنو منهنجو،
هڪ مرڪ چپن تي ۽ هڪ اک پنل تنهنجي.

چا لاءِ وڇوڙي جي دردن کي سنڀارين ٿي،
توساڻ جُڙيل آهيان، جيئن ڳُتَ ٻڌل تنهنجي.

تون ساڻ نہ هوندي پي ، تو ساٿ نڀايو آ،
زيارت جي واديءَ تي آ ڇاپ ڇڏيل تنهنجي.

*

## گيت

دک ۽ سُک جا سانگ سمورا
ارپن سڀ کي
ڀاڳ ريکائون.

جوڀن کي کو جهل نہ سائين،
کو بہ تہ هِن جو حَل نہ سائين،
کنهن کي کنهن کي ڀانءِ پون ٿيون،
ڀاڳ ڀريون انمول ادائون.

کو جوڳي، ويراڳي بڻجي،
من ۾ ڌن جو تياڳي بڻجي
سڀ کجهه پنهنجو دانُ کري پو،
ماٺي ٿو گهنگهور گهٽائون.

پنڌ اکا سڀ پار کري ٿو،
هر کو پنهنجي ماڳ وري ٿو،
سڀ کي پنهنجا ڏوهه ڏنگن ٿا،
سڀ کو ماٺي پاڻ سزائون.
ڀاڳ ريکائون.
ڀاڳ ريکائون.

❉

سپنن جا پاريهر

رات سڄي ڪنوٽين جي ڪيچل،
گجندي سارو ڏينهن وسي ٿو،
مينهن وساڙا نڪرن ٿا ۽
مينهن وسي ٿو.
ڪڙ تي بيٺل
تالهين جو هر پنُ پُسي ٿو،
ماٺيوءَ ماٺيوءَ منُ پُسي ٿو.
مينهن- رنگِي ٿي جهُڙ ڪي ميڙي،
پاڪر منجهه پيري ٿي وڃي پر
بارش ڪَمُ ڪري ٿي وڃي.
شام لهي ٿي،
من ۾ ڪائي ڳام لهي ٿي،
پير- ترين کي باهه لڳي ٿي،
عشق اچي ٿو
ڇيڇَ وٺي ڪو پنڌ ڏَسي ٿو!
جنهن تي
چنچل، چيل ڇبيلي
محبوبا کي ڀڪ ڀڪي پيو،
موهن ڪان هُن دجلا تائين،
دجلا ڪان فرات وڃي پوءِ
پُونا تائين پنڌ ڪجي ۽
تهذيبن کي رنگ ڏجي

پر!

رسمن جا ڪاريهر نڪري ايندا آهن،

سپنن جا پاريهر اڏري ويندا آهن.

❊

او ابهرا پرين! جاڙ تي ٿو ٻُلين،
تون ٻ هِڪ راز آن، ڪنهن اڳيان ٿو ڪُلين؟

او اڪابر! ڪيئي عشق ڪهڙو لِڪي؟
ڳوٺ ۾ ڳالهڙيءَ جيئن پيو ٿو هُلين.

سِير سنڌوءَ جي، هي بتيلو، هوا،
ڳاٽ اوُچو ڪري ناڪئا ٿو جهُلين.

ڏرتيِ ٿي چوي هڪڙي رولاڪ ڪي:
تون سيارو ٿُتل، ڏينهن جو ٿو رُلين!؟

تون ته زاهدا! بنهه سَرُ ڪو ماڻو هئين،
نينهن ڪهڙو لڳئي؟ سمنڊ جيئن ٿو چُلين.

❊

وارِي اجاري مان هئس،
تِي وڏي گجگوڙ آئي،
۽ وڏو طوفان هو پر
گهمسان جو امڪان هو پر
هڪ ڦُڙي هِت تي ڪري،
هڪ ڦُڙي هُتِ تي ڪري،
سِپ ڪڪر ڪنجوُس ها چڙ،
مان اجارو ئي رهيس.

❊

تون پُڇين ٿو او ميان،
گار چاهي، گند چاهي؟
ڦير چاهي، ڦندُ چاهي؟
منهنجي لئہ سڀ اوپرا هن،
هي سيئي تنهنجا حوالا،
تون تہ آڙيڪاپ ماڻهو،
مان پلو آهيان اپوجهہ.

❊

تون ازل جي آرسي،
مان گهڙيءَ جو ترورو،
ڪائناتون تو اڳيان،
مختصر ۽ عارضي،
مان بنهہ جهيڻو جهڪو،
پو بہ مون لئہ ڪرڪرو!
او ازل جي آرسي
مان گهڙيءَ جو ترورو.

❊

نظم

نہ ڪر او پيار بانوري،
اڃان وهي نہ آن،
تپي سگهي جا چائنون،
اڃا اها تهي نہ آن.

ٿي هاڻ ئي شڪار ٿِين
اجاڙ جو، بگاڙ جو،
او نازڪ ۽ نفيس تن،
اجا پَڪِي وهِي نہ آن.

اسان تہ پيچ ڏاهہ جا
سدا شڪار هون مٿي،
۽ تون تہ انتظار ۾
ڪڏهن ڏهي ٿهي نہ آن.

نہ ڪر او پيار باوري،
اجان اها وهي نہ آن.

❊

سنگتراش

مان عدم جي جاڳ آهيان
پاڳ آهيان
ڌرتتيءَ ۾ چانوَ وانگر
ٿو رلان مان ڏانوَ وانگر،
منهنجو ڪوئي, ڪير ناهي،
پر نہ دل ۾ مير آهي،
چيرِ آهي
پير ۾ ڪا وقت جي
ڇم ڇم ڪنڊِي چڙندي وڃي،
زندگيءَ جو ويس مون پاتو مگر
موت جو ڪو ويس مون پاتو نہ آ
ٿو ڏسان
تاريخ جي هن تي نظر آ
هيءُ جو منهنجو نگر آ
موت جو هن تي اثر آ.
موت منهنجو گهڻگهُرو ساٿي نہ آ پر
نينهن هن سان
مينهن ۾ ٿرپارڪر ۾ پالوا وارو لڳي ٿو،
ڪيترو چوڏار منهنجي هُو تڳي ٿو!
پوءِ پي سپنا سدا جا !
واءُ ۾ وٽڪار جهڙي زندگي،

ايئن اجائي ڪا نہ آهي،
زندگيءَ ۾ چا نہ آهي؟
ڪيتريون محبوبڙيون هِن
جن جي هڪ ارڏي اشاري جي پٺيان
ڪيترا شهزور شاهي، شهسوار،
ڊونبڙا ٿي
دانَ جي دل ۾ رکي ڪا چاهنا،
عرش، امبر تان لهي پٽَ تي پون
سون ورنا شاهزادا
زندگيون پنهنجون رکي گروي چون
“هي خيالِ خام ناهي،
“ سونهن اهڙي عام ناهي،
ڪيترن سوداگرن کي مون ڏٺو
ريشم ۽ اطلس کڻي، موتي املهہ،
زيورن جي ذات هرڪا،
مُوڙهين ۾ هُو کڻي کٿُورين جا وڙ ڪئي،
۽ ڦرائي پاڻُ ويٺا،
ٿي گداگر پو وريا واهير ڏي،
ڪي وٿاڻن کي رسيا،
ڪي خاڪ ٻڻجي راهہ ۾ رلجي ويا.
مون ڏٺيون
ڪي ئي ڪلالن جون وڏيون مستيو مگر
سونهن جي هڪڙي بہ سُرڪيءَ
ڪين ٻوڙي ٿي چڏيو

۽ ولوڙي ٿي ڇڏيو،
ٽڙڪندا، ٽاپڙجندا
هُو ڀڄيا راهي اجاتي ماڳ جا.
مان نہ ڪو شهزور،
زوراور نہ ڪو شهزادڙو!
مان نہ پونجارڙو
۽ نہ ڪي هان مي تلاش،
حُسن جي هِن شهر جو مان سنگتراش
مون سڀئي قصا لکيا ڇيڻيءَ سان
مان لکان تاريخ ٿو، پٿرن مٿان،
سونهن کي مون بندگي آهي ڏني،
موت کي مون زندگي آهي ڏني.

❊

گيت

موسمن لائون لڏيون،

تون نہ آئين،

چو نہ آئين؟

انب- تاريون ٻُور ڦيون.

تون نہ آئين،

چو نہ آئين؟

ٿِي هوا ڇيڙي، مان جهيڙيان واءُ سان،

چاندني چٽرون ڪري، مان آڪڙان،

چنڊ ۾ ڦيرا ڪئي پر،

مون ۾ ساڳيون ئي مڳيون.

تون نہ آئين،

چو نہ آئين؟

تو ڏنو جيڪو وچُو، ڏاڍو پيلو،

ساهہ ۾ سانڍي رکيو ٿم هر چلو،

وار آڪيرا بڻي ويا!

تو ڏنيون ناهن سڳيون.

تون نہ آئين،

چو نہ آئين؟

تو ڪيو واعدو، تون ايندين چيٽ ۾،

ٿي ڪَتيون گذريون، نہ ساهس پيٽ ۾،

ڪٽڪ سان گڏ وهم وائريان،

تو ڪيون مونسان ٺڳيون.

تون نہ آئين،

چو نہ آئين؟

❊

هيءَ ياد دل فريبي، هيءُ خيالِ يار دوکو،
ءِ وصلِ دوست خاطر، هيءُ انتظار دوکو!

چشمِ غزالِ حيران، کا آبجُو تلاشي،
بي چين روح جنهن جو، ازلان قرار دوکو.

اي دل! مڙين نہ ٿي چو، دشتِ فراق کان تون؟
چاهت سراب آهي، جنهن جو آپار دوکو.

هيءُ جام مئہ گلابي، هي ميکدا ءِ مستيون،
موکي! معاف رکجان، سارو خمار دوکو.

سنسار جنهن نہ سمجهيو، سورام کئن رجهائي،
ڳولڻُ وَسُنهَن رڻن ۾، جوڳي فرار، دوکو.

ڏِس وير اڄ چڙهي آ، جو جهاڳ تو ڀُلي آ؟
اٿُ، ڪاهِ! ناو مانجهي، پهلوءِ يار دوکو.

دستِ جنون بہ ڪنهن لئہ، راهِ نجات ٿيو آ؟
زاهد! وجين ٿو ڪاڏي، هر اعتبار دوکو!

❊

## ڪن پل جو جيون

جوانيءَ جي جلندڙ وکن جا رفيقو!
اسان جي اکين ۾ اسان جي دلين تي
اڃا نقش آهن
اهي سڀ گهڙيون ۾
سمورا ڏهاڙا، سموريون سي راتيون
جڏهن پاڻ آڌت جي ڳُوڙهين ڳلين جا
ڪي راهي هئاسين.
اسان پنهنجي اندر جون سڀ بيقراريون
نَويلين، نشيلين نگاهن ڪي ارپي
سڪن ڪان ڏکن جي
ڏِسائن ڏي ويندا رهياسين.
اسان واٽ ويندي
جتي ٿاڪ پاتيو
اتي عاشقيءَ جو ڏيئو ڪو جلايو

هوا جو وسايو
پو بوچڻ چنڊيوسين
وري واٽ پنهنجي
نئين جاٽ پنهنجي!
اسان همسفر ٿي سمورن پنڌن تي
اکين ۾ چپن سان سليا سور دل جا
اِهي ياد آهن
۽ راتين جي جاڳيل جلايل اکين کي
شفق جي رنگن سان سجائي
سنجها کان
صبح جي سهاڳڻ جي آجيان جي ڪارڻ
ٿڏرين ۾ سنسان رستن تي پنهنجو
سموريون رولا ڪيون.
ڏين ساک جن جي هوائون شهر جون
او يارو! اسان جو تہ هڪڙو ئي ڏگ هو
مگر ڇا خبر هئي
اسان جي تہ ڏگ کي
هيون پيون بہ واٽون
تڏهن پاڻ سپ
ڇڙ وڇڙ ٿي وياسين
جڏهن اوچتو ڪٿ بہ پيهر ملون ٿا
اوهان ساٿ ڏيو ٿا
مگر چند لمحا
پو راهي ٿيو ٿا

انهن پيچرن ڏي،

انهن پاڪرن ڏي

جتي يادگيرن جي برسات ناهي

سپئہ گلَ ڪُماٽيل جتي دوستيءَ جا

جتي ڪا رفيقن سندي رات ناهي.

اسان جو بہ ڪوئي پتو آ اوهان کي؟

اسان عيش عشرت جي پڪَ ۾ ٿڪياسين

اتي چند گهڙيون گذاري ٿڪياسين

۽ پيهار ساڳين وکن سان ورياسين

وري پنهنجي آوارگيءَ سان ملياسين

جتي صبح ساڳيو

جتي سانجهہ ساڳي

جتي رات ساڳي

اوهان کي پسند جا

مليا ماڳ يارو! اوهان کي مبارڪ

اسان يار ساڳيا

اساٽيل اڃا پيي

انهن ئي ڏڳن جا مسافر هون جيڪي

رُجن ڏي وڃن ٿا!

اُجن ڏي وڃن ٿا!

اوهان جي اندر ۾

ڪٽوريون خوشين جون

ٽڙيا سوپ جا گل

اوهان کي مبارڪ

اسان جي پلوَ ۾
اها نارسائي
اهي يادگيريون
اهي بيقراريون
۽ ڪن پل جو جيون!
۽ ڪن پل جو جيون!

❊

## ڪاش

دل گُهري ٿي متي!
ڪنهن آجاتي سفر تي وڃڻ کان اڳي
خاڪ ٿيڻ کان اڳي
ها، مرڻ کان اڳي
تنهنجي هرٽين اکين ۾ ڪا منزل ملي،
منهنجي ڇڙواڳ گُهورن جي ڇولين کي پيي
ڪو ڪنارو ملي،
شرم کان تون نہ پنهنجو هي پلڪون چنيين
۽ حجابن ۾ منهنجي نظر نہ ڦري
پل اِئين ئي حياتي گذر ٿي وڃي.
دل گُهري ٿي متي!
ڪنهن آجاتي سفر تي وڃڻ کان اڳي
نارنگيءَ ڦاڪَ جهڙن چپن مان سجي
زندگيءَ جي بقا جي سُرس پي وٺان
ان سنڌوءَ جلَ مان ٿوريون ڪي سُرڪيون پريان
ٿورڙو جِي وٺان.
دل گُهري ٿي متي!
ڪنهن آجاتي سفر تي وڃڻ کان اڳي
مون جيان تون بہ دوريءَ کي سمجهي سگهين
۽ وري نہ ملڻ جي ئي احساس ۾
تنهنجي اکڙين جون ڪڪريون وسي من پون
۽ ڪو سڏڪو
ڪا هڏڪي

ٿڏو ساهه کو

منهنجي پيرن جو زنجير ٻڌجي پوي

۽ اجارن چپن سان

پو ڳورن ڳتن تان

ڪي بوندون ڪٽان!

ڪي بوندون ڪٽان!

*

موڪلاڻي

اسين بس وڃون ٿا

نہ روڪيو اسان کي

نہ ٽوڪيو اسان کي

اسان جون وڪون ٿيون

پراڻن پنڌن کي پڪارن ۽ سارن

ڇڏي ڏيو او يارو!

دلاسن جي زنجير جڪڙڻ ڇڏي ڏيو

اميدن جي آفيم کائڻ جا هيراڪ ڇا لاءِ ٻڌجون؟

اسان هن شهر جي دلين ۽ ڳلين مان پليو آسرو آ

اسان آهه ڇاتو

هتي ڪنهن جي آشا جون سِپيون

ڪڏهن پي ڪي موتي ڄڻي ڪين سگهنديون

هتي جون نگاهون

اساتيل اکين جون اکت التجائون

ڳڻي ڪين سگھنديون
هتي جي گلابن کي ڳاٽي ڳچين لاءِ ٽوڙيو وڃي ٿو
ڪَنورن جي پيرن ۾ چيپائجڻ لئہ
ڪنوارين ڪلين کي
مروڙيو وڃي ٿو!
جتي آس خود ٽِياس ٻڻجي وڃي ۽
حياتي نہ ڪيل ڏوھہ جو ڪوئي احساس ٻڻجي وڃي!
انھيءَ شھر ۾ چا ڪبو يار ترسي؟
انھيءَ شھر سان ڪھڙو ناتو نڀايون؟
وڃڻ ڏيو اي يارو!
نہ روڪيو اسان کي
اسين بس وڃون ٿا.
ڏسو زندگي ٿي سڏي پئي اسان کي
پپر ۾ ٻڌل لوڏ سڏڙا ڪري پئي
هو گھر جي اڱڻ ۾ لڳل چيڪلو پي
پڪاري پيو ٿو
گھٽين ۾
بلورن ۽ لاٽن جي راندين جون مندون سنڀارن،
لغڙ جا هو مانجھا
۽ پِنوءَ جون ٺِڪرون
اسان جي هٿن جي ڇُھائن جي ڪارڻ
سِڪايل اچا پي
ڇُڙيي جر ۾ تڙڳڻ پچاٽا
ٽڏن چانورن لئہ

هو بئراج ڪَرِڙَ تي
قطارون نمن جون
اچا منتظر هن،
هو ٿالهين جي پويان
صبح هي سهاڳڻ
اسان جي اکين ڪاڻ
هر رات ڪان پوءِ واجهائي ٿي پئي،
مهر شاهہ سرَ تي
سياري جي لهندڙ
پکين جون قطارون-
انهن ساڻ ننڍپڻ جي يارن جون ساڳيون
نهارون ٿيون ڳولن
اهي يادگيريون اسان کي ٿيون رولن.
وجڻ ڏيو او يارو!
نہ روڪيو اسان کي
اسان کي اسان جي
مٽيءَ سان ملڻ ڏيو
مٽيءَ ۾ ملي پو
مٽي ٿي وجڻ ڏيو
اسان کي وڃن ڏيو
نہ روڪيو اسان کي.

❇

**ناچڻي شاعري علي ذاهد**

بيقرار جيون آ، ڪٿ قرار ڳوليندو؟
هاڻ بس گھڻو ئي ٿيو، ڪو فرار ڳوليندو.

منتظر جي رهنديون هون، سي اکيون بدلجي ويون،
ڪنهن جي ناسي نيڻن ۾ انتظار ڳوليندو؟

جنهن به تنهنجي نيڻن جو، مڌُ آ چَکيو جانان!
سو سڄي حياتيءَ لئه، پيو خمار ڳوليندو.

ڪيترو نيائيندو، آسمانَ سان ناتو!
نيٺ سانجھ ٿيندي ئي، ڪو تہ ٿار ڳوليندو.

هَلُ ڏسون هجومن ۾ ، ڪير ڪيئن ٿو پيوڳي؟
ڪير آ اسان وانگر، اشڪبار ڳوليندو؟

❊

ناچڻي شاعري علي ذاهد

ڪا زندگيءَ جي ٽن چڙي، ڪا بانسري ملي نہ آ،
اسان بہ ڪجھ تہ جِي سگھون، ڪا خاطري ملي نہ آ.

اسانجي عشق جون وڪون بہ ماڳ ٿيون ڇهي سگھن،
اجا اوهان جي ڏيان جي، ڪا رهبري ملي نہ آ.

وصال جو هي سلسلو نہ بند ٿيو ڪڏهن مگر،
مِلي ٿي خواب، خيال ۾، چو ظاهري ملي نہ آ؟

رڳو تلاش جي رٽن ۾ پٽڪندا وتون اسان،
مليون ڪئي دليون مگر، ڪا دلبري ملي نہ آ.

٭

ارپنا

منهنجي سوچن ۾ ڪي ئي الڪا هئا،
منهنجي اندر ۾ ڪي ئي اڌما هئا،
رات جي سانت ۾ اڪيلي ۾،
روجھ جي راز جئن رڙيو ناهيان،
جي بہ ڳوڙها هئا، رنو آهيان.
توکي ويجھو اچي حياتيءَ جو،
هر مزو، هر سڪون پاتو آ،
زندگيءَ جو سرور جاتو آ،
تنهنجي قربت ۾ جنتون ماڻيون،
پيار جون بي بها ڏنئہ ڪاٽيون،
پنهنجي نيڻن ۾ تو ڏسيا رستا،
منهنجي جذبن جي رول هرڻن ڪي،
پنهنجي اندر ۾ تڙ ڏسيئہ ڪيڏا!
تنهنجي وارن جو واس ماڻيندي،

چڻ سڳنڌون ئي وسرجي ويون هن،
تنهنجي رخسار هن يا ساگر هن،
ڪيتريون مون چڏيون چمين - پيڙيون!
تنهنجا آبرُو پِتا چتا ايڏا،
چڻ تہ ڪي ڪائناتي ڏنگ آهن!
تو هٿن جون وشال ريڪائون
منهنجي پاڳن جا ڏس ڏين ٿيون پيون
تنهنجي چپڙن جون پُرڪشش ڪُنڊون،
مون کي جيئڻ جا گس ڏين ٿيون پيون
تنهنجي چاتين جون چلڪندڙ چوليون ،
مون سان ڪن ٿيون پيون ڪئي پوليون!
لفظ تنهنجي گهتا جيان برسن،
گفتگو چڻ تہ ڪي هوا جهوتا.
ٿهڪ مورن کي تا چڏن توکي
ساهہ سنسار کي چڏن روکي
تون تہ سجني سراپا حسن آهين!
سونهن جو ٿيو نزول آ توتي،
هاڻ تنهنجي حضور ۾ جانان!
هيءُ حاضر سرير آ منهنجو،
هاڻ توکان پري گذر ٿئي جو،
وقت سو خوشگوار چا معنا؟
چين کهڙو قرار چا معنا؟
هي نظارا ۽ نور چا معنا؟
هنجَ، ڪونجن قطار چا معنا؟
رنگ، بوندون، بهار چا معنا؟
تو سوا او پرين! حياتيءَ جي،
هر خوشي، هر گهڙي آيالي آ.
ها مجان تو تہ او مئي جانان!
چاهتن جي مُنجهيل تِواتي تي،
توکي پنهنجو پرين سڏڻ ڪان پو
ڪي ئي طوفان جهاڳڻا آهن

۽ انومانَ جاڳڻا آهن.
چا ٻه سمجهيو وڃي وفائن کي،
پر پرين! تنهنجي سڀ ادائن کي
پيار، پوڄا، عبادتن کان پي،
کو متانهون مقام ڏينداسين،
توکي سارو جهان ڏينداسين،
توکي سارو جهان ڏينداسين.

❊

## خواهشن کي ماڳ ڏي

اي مٺي!
هن جيءَ ۾
ڪئي خواهشون پٽڪن پيون
تن کي تہ ڪوئي ماڳ ڏي!
خواب سارا
چڻ ستارا!
ننڊ جي آڪاش کان ڪيڏو پري
جهيڻا پيا ٿيندا وڃن
۽ سندم جذبن سندا سارا رباب
حاصلاتن جي سُرن کان
اڻ ڇهيا ۽ بي خبر
تن کي تہ ڪوئي راڳ ڏي!
خواهشن کي ماڳ ڏي!
رات پر تنهنجون ڇڳون ڇهندو رهان

زندگانيءَ ۾ او جانان!
هن جوانيءَ جو مزو ۽
واس ڪو وٺندو وجان
ياڪين ۾ ڪيچلن ۾
هي اجارا چپ ڳلڙن کي سندءِ
چاهہ مان چُهجي وڃن
جئن ڪي آواره ڪکر
ڪنهن ٽڪرَ چوٽيءَ کي چهندا هجن!
منهنجي من جا پيد سارا
ڳاڄ جان اُٿلي پون
بند سپ ڊاهي وڃهن!
چپ تنهنجا
سانوٽيءَ جي مينهن جان
مون تي وسن!
نيڻ منهنجا سوال ٿي توڏي ڏسن
۽ هجين تون لاجواب
پيار ارپين بي حساب
اي مٺي!
جيڪو سدائين ڪان رُٺل آهي رهيو
مونکي پرچائي سو منهنجو ڀاڳ ڏي!
اي مٺي!
ڪوئي تہ منهنجي
خواهشن کي ماڳ ڏي!

*

آگريون مون ڪيڙيون تنهنجي وارن منجهان،
رات مرڪي ڏنو هو ستارن منجهان.

حالِ دل چا چئون جو سڪي تي پُڇي،
ڪٿن چئون پاڻ هون دل فگارن منجهان.

ڪونج آڏيءَ مهل ڪا اڪيلي هئي،
ڪَرڪندي تي وئي، ڪوهسارن منجهان.

ناچڻي شاعري علي زاهد

پروسن جا سيئہ گلَ پَتيون تي چڙيا،
واس ويندو رهيو اعتبارن منجهان.

هُن تڏيا سپ وڏائيءَ سندا سلسلا،
يار زاهد! هيو خاڪسارن منجهان.

❊

مومن بہ اڪيلائي، ڪافر بہ اڪيلائي،
مسجد بہ اڪيلائي، مندر بہ اڪيلائي.

ڪو سڏ پڙاڏو يا ڪا آهہَ نہ ڪو سُڏڪو،
پاهر بہ اڪيلائي، اندر بہ اڪيلائي.

هو سج مهاٽو آ پي پار لڏي ويو آ،
ڪينجهر ۾ اڪيلائي، منڇر ۾ اڪيلائي.

چوليون ڪي چُليون ڪونهن ۽ مينهن وسيا ناهن،
هي سمنڊ ۾ تنها ۽ تر بر ۾ اڪيلائي.

ڪيڏو ته رُليا آهيون، ڪو چينُ ڪٿي ناهي،
زاهد! پو وڃون ڪاڏي؟ هيءُ گهر ۾ اڪيلائي.

❊

گيت

ڪيرُ سجاڳي، جهاڳ ورهه جي،
جيڪو جهاڳي، سو ئي سمجهي.

سامونڊيءَ جي سار اکين ۾،
ڪُن ۽ ڪارونڀار اکين ۾.
الڪو چاهي؟ ڪوئي سمجهي،
جيڪو جهاڳي، سوئي سمجهي.

ڪانڌُ، ٻتيلو، سِڙهه سنڀاريان،
هُن ٻن پل پل ڪئن تي گهاريان،

آيل! جيءُ جڏو ئي سمجهي،
جيڪو جهاڳي، سوئي سمجهي.

ساجن ايندو، ياڳ پڇايان،
اکڙين جا تي ديپ جلايان،
شال سجڻ لڄ لوئي سمجهي،
جيڪو جهاڳي، سوئي سمجهي.

❊

## پن چئن لمحن جي طلب

اسان جو جيون
اداس لمحا!
نہ رنگ، رونق،
خوشيون نہ صدما!
اسان جي راتين جون چاندنيون پيون
اُماسگاهن جا ڏس ڏين ٿيون
اسان جي من جي جهڙالي موسم
اچي ٿي ڪيڏا سراب سانڍي
ٿا بارشن مان اڱار برسن
اسان جي قسمت جي وڻ جو ڪو پن
وفا جي هيرن ڇهيو ئي ناهي.
اسان جون ساريون اداس واٽون
اوهان جي پيرن جي آهٽن لئہ

سدا سِڪن ٿيون.
اوهان ئي جيڪر
ڪو اتفاقن
اچي وڃو ها
اچي پو جيڪر
ﮪ چار لمحا رُڪي پئو ها
اسان جو جيون اجا وڌي ها
اوهان جي نيڻن جون نرم ڳُهورون
صدين ڪان هن بيقرار من کي
قرار ڏين ها.
اسان جون اکيون
خوشين سان ٽِپتار روشنين جا
پندار ٿين ها.
اوهان ئي جيڪر
ڪو اتفاقن اچي وڃو ها
اچي پو جيڪر ﮪ چار لمحا
رڪي پئو ها .....!

❋

بي نام ئي رهياسين، بدنام پيي نہ ٿياسين،
تنهنجو پيرم رکيوسين، الزام پيي نہ ٿياسين.

پنهنجا پتا سمورا، تي ڏئي هوا شهر جي،
ڪيڏو لِکڻ گهريوسين، گمنام پيي نہ ٿياسين!

پهتي ڪٽي چپن تي، دل جِي رَهي آ دل ۾!
آغاز پيي نہ ٿياسين، انجام پيي نہ ٿياسين!

ڪنهن باک جي پَکن ۾، گهيريل بدن ڪو ناهيون،
ءِ رات ۾ رُلايل، ڪا شام پيي نہ ٿياسين!

پنهنجين محبتن جي آ راند جي پڇاڙي،
ناڪام ٿي وياسين، ناڪام پيي نہ ٿياسين!

❊

جاڳن نہ ٿيون ڪيڏو رُليون، ائن بي خبر منهنجون اکيون،
ڪوئي نہ ٿيو ايئن دربدر، جئن دربدر منهنجون اکيون.

منظر سمورا تا پُڇن لُڙجي اندر جي ڳاڪ تي،
آ گهُور تنهنجي راهزن ۽ رهگذر منهنجون اکيون.

سپ پلَ سنهري سات جاء پَلڪن ۾ ٿَن سانڍيون رکيا،
اي دلبرو! ڪئن تا چئو هِن بيقدر منهنجون اکيون.

تنهنجو اسان جو سات ڪاڻي توڙ تو پهچي سگهي؟
تنهنجون اکيون هرڻيون ٽڪل، رڻ جو سفر منهنجون اکيون.

راهن ۾ تنهنجي منتظر ڏيئن جيان پرنديون هيون،
پر اڄ وسامي هِن ويون ڄڻ ڪي اگر منهنجون اکيون.

❊

پوڻ پنيءَ جي ويل

آ پوڻ پنيءَ جي ويل ٿڌي،
پر ڪنهن جو جيءُ جلائي ٿي،
ڪا چوڪر هٿ مان چرک پري
دروازي ڏي واجهائي ٿي.

ٿو جهرڪين جو چرڙات مچي،
۽ ننڊ ڦٽي ٿي ڪانوَن جي،
پکين کي ڏيئي ڏوراپا،

پو کيس سُجهي ٿي ٿانوَن جي.

ٿو چوڙين ۾ چوپول مچي،
۽ خار سَتي ٿي ٿانوَن تي،
ساجن کان دوريءَ جو سوچي،
چڻ پيرُ پويس ٿو ڪاوَن تي.

ڪو منظر ڪيس وڻي ئي نہ ٿو،
سوچن ۾ ساجن ڳولي ٿي،
ٿو هن جي دل جو سَرُ سُڪي،
اکڙين جا چشما کولي ٿي.

ائن پنهنجي پاڻ کي رولي ٿي،
هر روز ائين ئي جاڳي ٿي،
توڻي جو ساجن ساڻ نہ ٿس،
پر پاڻ کي ان سان واڳي ٿي.

اڄ واهہ ڪناري ويٺي هئي،
ڪَيس هيرَ ڪنن ۾ سرگوشي:
اٿ او ڙي سکي! هل مون سان هل!
تنهنجو وچڙيل دلبر ڳوليون.

❊

ايلاز

هي تنهنجون ادائون اُني جون هوائون،
گُهمين ٿي جتان، ٿو چمي چنڊ راهون،
خبر ٿئہ؟ تہ گُهورن ۾ ڪيڏو سحر ٿئي؟
پٿر جي ڪا مورت ڏسي، موهجي پئي.

ڪو سياڻو، ڪو سمجهو، صفا ڏوهجي پئي،
پتو ٿئي؟ جي مرڪين تہ رستا ڦُٽن ٿا ـ
بهشتن، بهارن ۾ خوشين سندا ڪي،
۽ ٿڪن سان تارين بہ جهومڻ لڳن ٿيون،
هي ڌرتي ٿي جهومي، ستارا ٿا جهومن،
۽ سونهن جون پاريون بہ جهومڻ لڳن ٿيون
اسان جي اکين جي دريچن ۾ بيٺل،
ڪنوارين اميدن جي ڳڻ ڪا ڪرين من!
صدين جون صدائون اُساتيل اندر ۾ ،
وهاتيل هي جذبا، تون ڳڻ ڪا ڪرين من!
هي اتساهہ ڪيڏا اچن ٿا، وڃن ٿا،
اجا خواب ڪيڏا اکين ۾ لهن ٿا
تون ايندين؟ تون ايندين؟ ڪڏهن تون تہ ايندين؟
اجا روح ۾ساز ئي ساز آهن،
سنڌ۾ پيار جا ڪيئي انداز آهن،
اچڻ ۾ بہ تنهنجي ڪئي راز آهن
اهي تون ئي سمجهين، اهي تون ئي ڄاڻين،
سنڌم پيار جي وس هي ايلاز آهن.

❊

هہ منظر

ڪالهہ جڏهن المنظر آڏو،
سنڌوءَ جي چولين ۾ منهنجي،
محبوبا جا پير پنا ها

ويل انهيءَ منهنجي چپڙن تي
پاٽمرادو لفظ تريا ها:
‘سنڌوءَ جي پوتر پاڻيءَ ۾
تنهنجي پنل پيرن جو قسم آ
جيسين سنڌو ماتا وهندي
جيسين ان ۾ چولين چلنديون
جيسين مٽيءَ گاڏڙ پاڻي
سمنڊ جي كارين چولين آڏو
سيهي جي ديوار ٻڌيل آ
جيسين سنڌ جي نيري نڀ ۾
پرڏيهي پكين جون اڏارون
جيسين پيڙين منجهه مهاڻا
خوشيءَ مان ملهار ٿا ڳائن
وهڻ سان هيءَ ويڙهاند وڙهن ٿا،
جيسين استوپا جي ساموهن
سنڌوءَ جل تي سورج كرڻا
نچڻيءَ وارو ناچ نچن ٿا
تيسين منهنجي من مندر ۾
تنهنجي پيار پوڄا رهندي
تنهنجي سونهن تي لكندو رهندس
منهنجي ذات كي مات نه ايندي.’
اڄ پيي المنظر آ ساڳي
محبوبا به ته ساموهن آهي
پر سو ساڳيو جلُ كٿي آ؟
شاهه درياهه جا كُنَ كاڏي ويا؟
پاڻيءَ جو سو هُلُ كٿي آ؟
سمنڊ جي كارين چولين سان اڄ
كير مهاڏو اٽكائيندو؟
پرڏيهي پنڇي به رُسي ويا!
پاڻيءَ خاطر مور كُسي ويا!
پيڙيون ويون ملاح به غائب!

سنڌوءَ کپ جا چاھ بہ غائب!
ملھار بہ ويو، جھونگار بہ غائب!
استوپا مايوس لڳي پيو!
سورج ڪرٽا رقص پُلي ويا!
ايئن لڳي ٿو پاٽيءَ ۾ ھو
محبوبا جي پنل پيرن جو
قسم ئي ڪوڙو ٿيندو وڃي پيو!
قسم تہ چا پر سنڌين جو ھيءُ
جنم بہ ڪوڙو ٿيندو وڃي پيو!

*

وري ڪنھن جي ڳولا

جھانن جي رنگن ۾ ملبوس ٿي ۽
گلابي ڪلين جي بہ خوشبو چورائي
پريَنءَ پار جون مست چنچل ھوائون
اسان جي دريچن تي اينديون رھيون ۽
نئين نينڊ ڏينديون رھيون عاشقيءَ جي.
اسان پنھنجي نيڻن جا پٽي دوار پوتي
تصور جي رٿَ تي چڙھي بيخوديءَ مان
انھن ئي ڏسائن جا راھي ٿيون ٿا
جتي پيار پنھنجي گلابن جي ورڪا
ڪئي موسمن تي.
اسان جي اندر جي پڌر تي ستل چڻ
ڪي آشا جون پريون

ڪٽي ڪرُ اڻن ٽيون
مُنڍي چيچ مان ياد گيرين جي لاهي
نئين سوچ جو ڪو ڇلو آڇ ڪن ٽيون.
وري پيار جي پيچرن جي مسافت
وري رنج، ڪاوڙ، رُساما نوان ۽
وصالن، وڇوڙن جون ڳالهيون نيون ڪي
جي تارن کي ڪيڙن، اُهي ٿهڪ تاڙيون
۽ ڳالهين جي ڳرين پرين جي ٻہ خواهش
وري ڳل ڳراٽين ۽ پريل ڪلهن جي
هٿن جي
بدن جي
ڇرين گيسُئن جي
نرم ۽ گرم ڪنهن
نئين لمس ڪارڻ
عشاقين جي آرهڙ ۾ زندگيءَ جي
سمورين خوشين ۽ سمورن مزن جا
وري پل ڳولڻ،
وري پاڻ رولڻ.
اڙي او اڪيلائي! منهنجي سَکي تون
هوائن کي روڪي هي ڳالهيون پُڇي ڏي
هي ڇا لئہ گهٽائون؟ هي برسات ڇا جي؟
۽ ڪنوٽين جون هي ڪيچلايون بہ ڇا لئہ؟
وري ڇو وُٺي ۾ پڄڻ جي تمنا؟
ڇو رولاڪين لاءِ ٿو روح تڙپي؟

وري پنڌ کهڙا؟

نئون ماڳ کهڙو؟

وري جهاڳ کهڙي؟

نئون سمنڊ کهڙو؟

نئون ڪو سفينو

نئون ڪو جزيرو

نويلو ڪو ساحل

وري ڪنهن جي ڳولا؟

وري ڪنهن جي ڳولا؟

❊

جاڳ

شهر سمورو ستل آهي

مان ۽ رستا جاڳيل آهيون

خواب بہ منهنجا جاڳيل آهن

رولا ڪين سان واڳيل آهن

رولا ڪيون، جي منهنجي اندر

اونداهين جيئن پيهي ويون هن

ڪنهن جون ڳولائون آهن؟

پنڌ پر انهان ڏيئي ويون هن!

پنڌ اهي جي ڪٿڻا ناهن

شايد مون سان رهڻا آهن

مون ۾ جيڪو ’مان‘ ويٺو هان

## نا چڻي

مون سان گڏ ئي مرڻا آهن
منهنجا هٿ به جاڳيل آهن
جن تي ڪنهن جي نرم چپن جو
گرم گرم ڪو ڇهاءُ ٿو جاڳي
ذهن به منهنجو جاڳيل آهي
ماضيءَ جا ڪي ڏنڌلا نغما
من جي پتين تي ائن راڳيل آهن
نيڻن ۾ ڪو نقش نهي ٿو
ڪوئي چاتل عڪس نهي ٿو
منهنجي ڳوٺ جون ڳجهيون ڳليون
ڳاڙهي ماڙيءَ جي درين مان
جهاتين جي جهرڻن جو ساڳيو.
روح جي رڻ تي رقص ٿئي ٿو.
گهر آڏو پنين ۾ بيٺل
سُڳداسين جو هڳاءُ چورائي
واءُ اتر جو گُهلي رهيو آ
جنهن جي هر هڪ جهوٽي مون کي
ڏسُ ڏنو آ
مون ڄاتو آ
ڳوٺ ۾ اڄ پڻ سڀ ساڳيو آ
پر شايد مان ساڳيو ناهيان
اڄ پڻ ڳلين کي منهنجي ئي
پيرن جو اوسيئڙو آهي
مان ئي تن سان واڳيو ناهيان

ڳوٺ سمورو جاڳيل آهي
مان ئي اڃا ڳيو جاڳيو ناهيان
پنهنجي ڪُڙم سان واڳيو ناهيان ...!!

❊

جمار سڄي نهار بڻي، ڪڏهن تہ اچو اچي بہ وڃو!
پريت پرين! پڪار بڻي، ڪڏهن تہ اچو اچي بہ وڃو!

نہ بوءِ گلاب آهہ رهي، نہ سوءِ چمن نگاهہ طلب،
اُجاڙ سندم بهار بڻي، ڪڏهن تہ اچو اچي بہ وڃو!

سرءُ تہ هتان گهڙي نہ سُري، وجود تہ پن پن ٿيو،
گلاب گلاب پيار بڻي، ڪڏهن تہ اچو اچي بہ وڃو!

دري تہ اُها، پري نہ بتي، سَريو نہ اسان سُڪون رَتي،
وٽي بہ تہ سانجهہ بار بڻي، ڪڏهن تہ اچو اچي بہ وڃو!

غبار غبار ڏينهن ڪَٽيا، عذاب عذاب عمر ڪَٽي،
نڪور سَڪي! نڪار بڻي، ڪڏهن تہ اچو اچي بہ وڃو!

پکي تہ اُڏيا، اوهين بہ ويا! نہ عرش رهيو نہ فرش رهيو،
اميد سندي اُڏار بڻي، ڪڏهن تہ اچو اچي بہ وڃو!

سياڻ پرم رهي نہ رهي، الاءِ جنم رهي نہ رهي،
حيات تہ انتظار بڻي، ڪڏهن تہ اچو اچي بہ وڃو!

❊

## گيت

چو سمنڊ لچين ٿو مون وانگر؟
ڪا توکي ياد به آئي آ؟

چا نيل گگن جي تارن جي،
تن ازل ابد جي يارن جي،
ڪا تو ۾ سار سمائي آ؟
ڪا توکي ياد به آئي آ؟

ٿي اپ ۾ ساندهه اک رکي،
او شال منٺڙي بوند چکي،
اڄ سپ ڪي سڪ سوائي آ،
ڪا توکي ياد به آئي آ؟

هيءَ ناهه گهڙي ڪا پاڳ پري،
ٿِي سانجهه نہ ڪائي ناوَ وري،
ٿيو ساحل هيءَ سودائي آ،
ڪا توکي ياد به آئي آ؟

❊

## چنڊ

اي چنڊ! پلا چو جاڳين ٿو؟
چو پاڻ پلا ايئن رولين ٿو؟
چا تون پي ڪنهن ڪان وڇڙيو آن؟
چا تو پي ڪوئي سُور سَٺو؟
چا تنهنجي نيڻان نِير وُٺو؟
چا تو پي ڪنهن سان پيار ڪيو؟
ڪو پنهنجو توکان ڌار ٿيو،
اي چنڊ پلا چو سوچين ٿو؟
سو توکي پيهر ملڻو آ،
۽ تنهنجي پک ۾ ڪِلڻو آ،
چا اپ ۾ ان کي ڳولين ٿو؟
چو پاڻ پلا ائن رولين ٿو؟
اي چنڊ! پلا چو جاڳين ٿو؟

*

## ننڊ

ندوري ننڊ ڪي چاهي!
وجي ڊاهي
ڪئي ڪُنگريون خيالن جون
جڏهن پي سوچ جي رڻ تي
ڊُکن ڪميت يادن جا
نهن ٿا ييت يادن جا
تڏهن ڪاريون گهتائون ٿي

اچي ٿي ننڊ نيڻن ڏي
ندوري ننڊ کي چاهي!
جڏهن دل جي دريچن تي
لهن پنڇي وصالن جا
ڇُڳڻ چاهن
پر ٿي داٽا دلاسن جا،
بلائن جيئن جهٽي تن کي
اچي ٿي ننڊ نيڻن ڏي
ندوري ننڊ کي چاهي!
وجي ڊاهي
سمورا ٿاڪ سوچن جا.

❇

هوائو، پرينءَ پار جو واس آڻيو!
انهيءَ گلبدن يار جو واس آڻيو!

هتي آگ، آگم وَسائي ورهه جي،
وصل جيءَ مهڪار جو واس آڻيو!

گلابي ڳلن ۾ شرابي اکين جو،
چپن جي به هپڪار جو واس آڻيو!

گلن جون قطارون، بهارون نه گهرجن،
فقط دل جي دلدار جو واس آڻيو!

جتي راهه جو چنڊ رهبر بڻيو هو،
وصل جيءَ وٽڪار جو واس آڻيو!

❊

آدرش

چو نه هر گام زندان جو در کلي،
چو نه هر وات مقتل ڏي ويندي هجي،
چو نه هر هر ڳچيءَ ۾ کو ڦندو پوي،
چو نه هر سَٽَ پنهنجو هي مٽڪو پڇي،
پوءِ به سرمد، پڳت سنگهه ۽ منصور کي
مرڪندي، مرڪندي خاطري تو ڏيان:

اي شهيدانِ راهِ وفا غم نہ ڪيو
مون اوهان جي ئي سنت جو پيرو ڪنيو
مون اوهان جي عمل کي آ پنهنجو ڪيو
ائن نہ سمجهو، اوهان جي پڄاڻا ڪڏهن،
پون ٿي حق ۽ سچ جي ڳولا ڪُٿي
ڏاڍ سان، ظلم سان، ڏيهہ ڏهڪاءَ سان
ڳاٽ اوچو ڪري ڪو وڙهي ئي نٿو.
ها مڃان ٿو تہ منهنجي پنيان ڪو، نہ آ
مان ڪو ليڊر، وڏيرو، نہ ڪي رئيس هان
۽ نہ سياست جي چالن کان واقف مگر
منهنجا آدرش مون لئہ وڏي وٿ هن.

❊

هُئي جواني
اڃي رَئي وانگر
چوڙجي چوڙجي
لهرائي
وئي موڪلائي،

زندگاني بہ آ
ڏِيئي وانگر
ٻاٽ ۾ روشني
جهلملائي
پئي موڪلائي.

❊

اکيون اُپ ۾ ۽ اڏارون ٿي ڳولي،
پکين جون پروکون قطارون ٿي ڳولي.

اندر خشڪ تاريون ۽ پن ڇڻ جي موسم،
اکين جي درين مان بهارون ٿي ڳولي.

مٺيءَ ننڊ مان هن کي هڏڪيءَ اٿاريو،
وٺي نانوَ ڪي ئي سنيارون ٿي ڳولي.

سوين سڌَ ساٿي اجهل پيار جن ۾،
تڏهن پيي پرينءَ جون پڪارون ٿي ڳولي.

جي راهِ وفا تي مُئا يار زاهد!
محبت انهن جون مزارون ٿي ڳولي.

❊

ڪنهن ڪاڻ وري مومل، تو ڪاڪ سجائي آ،
راڻا تہ رهيا ناهن، ميندي تو پُسائي آ!؟

تارن ۾ ڪَتين جي ڪا، مون هام هنئي ناهي،
راتين جو مٺي تو لئہ بس ننڊ ڦٽائي آ.

اڄ نيٺ اکين ۾ ڪيو، آ عشق چريي ڏاڍو،
جنهن جيون سارو ئي، ڪا ڊوڙ ڊڪائي آ.

مقتل جي انڌيرن کي جن جوت ڏني مرڪي،
تن ماڻُ رکيو تنهنجو، تن ٿِج ملهائي آ.

مون هٿ کنيو ان تان، هيءُ جڳ سڄو تنهنجو،
هڪ سنڌ پيو سنڌو، مون ساڻ پِتائي آ.

*

رستو ڏيکاريو!

پنهنجي هستيءَ پنهنجي مستيءَ کان ٿُٽل،
وڏ ڦڙي ۾ جيئڻ کا جهرڪي پنل،
خواهشاٽي هر سپي آهي سُکل،
بادلو! سڪ جون ڪَٽيون هٿ پي وسايو،
پاٽ- ورني زندگي، سورج اپاريو!

حاصلاتن جي هِجي، مِتجي وئي،
جيءَ ۾ کا آهه هئي، پُتجي وئي،
کهکشان جي چاهنا، گهُتجي وئي،
گيتُ پوئينءَ جِيت جو کو گُنگنايو،
پاٽ- ورني زندگي، سورج اپاريو!

مان وسارڻ تو گهُران وسري نہ تو!
واهيري مان کو پکي اڏري نہ تو!
پيار کي دل مان کڍان، نکري نہ تو!
دوستو وکران پيو، مون کي بچايو،
پاٽ- ورني زندگي، سورج اپاريو!

*

مان ڇا ڄاڻان؟

هِن پنڊ جي قيمت ڇا هوندي؟
مان ڇا ڄاڻان؟
مان ڇو ڄاڻان؟
بس ڄاڻان، تنهنجي ڳولا ۾
هِن جيئڻ جا وشواس مٺي!
ڪي اڻڄاتا احساس مٺي!
ٿا آڻن مون کي مستيءَ ۾
پو هوش وڃائي هستيءَ جو
ٿو رولا ڪين جا راز پسان
ڳولائن جا بنواس پَسان
ٿو ڪين سُجهي تون ڪِٿ آهين؟
تون هُتِ آهين يا هِتِ آهين!
پر پوءِ بہ آس ٿي اتساهي
تون منهنجي آن،
تون جِتِ آهين،
ڪِٿ ڪونئرا، ڪوسا چپ اهي
۽ منهنجا بوسا، چپ اهي
مون منزل منزل جهاڳي آ
پر تانگهہ اها ئي ساڳي آ
هي چاهہ جا هيڏا جهرٽا هن

چا منهنجا جام نہ پرٽا هن،

چا منهنجي پياس نہ پڄهڻي آ!

تنهن هوندي مان مايوس نہ هان،

هن اڄ جو اگهہ بہ چا هوندو؟

مان چا چاٽان؟

مان ڇو چاٽان؟

بس چاٽان ٿو،

هيءَ پنڌ تہ ڪرٽو آ آخر

او يار! پِٺون ٿيل پيرن جو

پَهڻن سان پرٽو آ آخر!

هِن پنڌ جي قيمت چا ٿيندي؟

مان چا چاٽان؟

مان ڇو چاٽان؟

❋

خيال ٽوٽي خواب ۾ ايندي رهين،
پيار جي سنسار ڏي نيندي رهين.

ڪوڙ ساريون منزلون طئه ٿي وڃن،
تون اسان جو ماڳ جي ٿيندي رهين.

آنءُ رمتو، هئن پلڪ مون سان پڙي،
چو پيلا تون درد پاليندي رهين؟

هر دفعي چئي "آخري آهي چُمي"
هر دفعي ايئن پيار تون ڏيندي رهين.

قول- ورڪا موسمون ڪن راهه ۾،
تون ادا ۽ ناز سان ويندي رهين.

مان سنڌءِ پرديس ۾ سپنا ڏسان،
تون سنڌوءَ تي ديپ تاريندي رهين.

❉

عجيب حالت ٻڻي آ پنهنجي، مٽي جو اڄ همڪلام آهي،
اندر ۾ اوٽر محبتن جو، اڪين ۾ اتڪيل سلام آهي.

فصل جو ساڳيو هڳاءُ سانڍي، هوا ڍڪڻ جي گهُلي رهي آ،
اي دل، ڳجهارت پيچي پئي آ، اهو پرڻ ۽ جو پيام آهي.

وصل جون ڳالهيون ڪجن ها جيڪر، گهٽا، صبا ۽ گلن، ڪلين سان،
مگر نہ ڪنهن سان سلي سگهيو هان، چپن ۾ اتڪيل سو نام آهي.

وري اندر ۾ آ هاڙهہ پلٽيو، ۽ يادگيرين بہ پوُر ڪيو آ،
اجهو نموُريون پڪيون ڍڪن جون، اي درد توکي دوام آهي؟

گلاب موسم، لڳهہ ۾ لالي، هوا اُتي جي، انبن ۾ خوشبو،
وچي تہ زاهد وڃي بہ ڪاڏي، حسين گهڙين جو غلام آهي.

❈

بادل بس تي ويا، چَنُ پيو روئي،
چن سان گڏ منهنجو، من پيو روئي.

وقت وڍيا آهن، هٿ مصور جا،
برش سيئي گهايل، فن پيو روئي.

بارودي بدبو، قابض منظر تي،
واس ويو گهُٽجِي، وَنُ پيو روئي.

اکڙيون اوجاڳيل. اتکيل هِن در ۾،
چچ ۾ چوکرِ سان، آنُ پيو روئي.

توتي جُونءَ نه چُري، وڻ وڻ واکا هن،
تاريءَ، تاريءَ جو پن پيو روئي.

وسکاري ۾ پيي، توکان ڏُور ڏسي،
زاهد- قسمت تي، بَنُ پيو روئي.

❉

صدين کان سفر تي پکي هن اڏاٽا،
الئہ ڪنهن اڳڻ تي هي لهندا اياٽا!

نهوڙي چڏياسين سيئي خواب پنهنجا،
اسان جا تہ جذبا بہ ٿي ويا پراٽا.

لڳن ٿيون سيئي ڪلپنائون وهاتيل،
نہ مڏ آ، نہ موکي، نہ انگور- داٽا.

هجي ڪاڪ دنيا، پلا چو تہ الجهون!
اوهان هو نہ مومل، اسين هون نہ راٽا.

مٿيءَ آ پريو پک ۾ راضپي سان!
اڙي يار زاهد! پو چاچا هي ماٽا!؟

❊

سمنڊ تي جيئن آڙيون لهن،
تنهنجون يادون ائين ٿيون اچن.

ڇا سبب جاڳ آهي رڳي؟
تو تہ خوابن جا ڪيا ها وچن.

اپُ ڪَپڙ جيئن آهي ڪَڙو،
۽ ستارا ٿا پيرون پچن.

هيءَ جواني بہ نيبَهُ هُجي،
شل ائين رنگ تو ۾ رچن!

واءُ ۾ ڪانهَن جي دانهن آ،
درد واريون ڊِليون شل بچن.

مان خوشيءَ تي لکڻ ٿو گهُران،
آ مُنجهايو دنيا جي ڏچن.

❊

مونسان ڪِٿ يادن جا، پوپٽ ڪي مليا ناهن،
چو پيار جا گل تنهنجي، باغن ۾ ڪليا ناهن.

اڏرات اڏاٽو آن، ايڏو چو اپهرو آن،
او جيءَ چريا ڪٽڇي، ڪي در تہ کُليا ناهن.

سانوڻ تہ وسيو آ پر، تون جو نہ وريو آهين،
چڻ آڳ لڳل ٽر ڪي، چڻ مور تِليا ناهن.

+ ديبل جي دريچن مان مايين! پڪاري ٿي،
اڄ سنڌ سُکي ٿي جو، ڏاهر ڪي اٿيا ناهن.

هٿ ماڳ رسڻ تائين، پئي هام هنئي ساٿين،
منزل تہ پري ٿي پر، پہ قدم بہ هليا ناهن.

*

+ مايين: راجا ڏاهر جي سهڻي ۽ بهادر زال.

### بيت

چريا، چورِ نہ چيڪِلو، ڪائي ڪين چڙهي،
رهنديون جيڪي راند هون، ڪڙيون منجهہ ڪڙي،
اکيون هِت اڙي، سوچين چا ٿو سانورا!

پير مٿي آ، پيرڙا، چورا چاٽي ڏي،
ڪَچا ڪپن ڪين ڪي، ٻاگون آٽي ڏي،
جهٽ ڪر هاٽي ڏي، پريان پوتيءَ پاندڙو.

ماٺيون ٿين موجون رُڱو، ٻُڏن نہ پيڙا،
ٿي تو پيڙا، ٻچ ڪبيون ٻالهڙيون.

اسان جون اکيون ٿيون سهارن کي ڳولن،
بنا سِڙهه جي پيڙيون ڪنارن کي ڳولن.

پري ڏي او موکي متارا مُٺا هن،
ازل کان پيا ٿا قرارن کي ڳولن.

چوڙ لئہ تہ هي شهر سڏجي منگهن جو،
مگر نيڻ ناسي اشارن کي ڳولن.

گگن جي گهٽين ۾ گهٽائون رلن ٿيون،
لڳي ائن ٽُٽل ڪن ستارن کي ڳولن.

پيا ساهہ منهنجا سنپارن اوهان کي،
سرءُ جا ستايل بهارن کي ڳولن.

سنڌوءَ جي ڪنارن تي زاهد ۽ نچڻي،
موهن جي وڃايل نظارن کي ڳولن.

❊

چوسِتا

ناڪئي جو من آ موجن ۾،
چوريءَ جو هينئون هوڙي ڏي،
هُت چار، شڪار جو الڪو آ،
هِتِ نيڻ وچايل واريءَ تي.
❊

هر شام اداسي چڻ، هر باک اساتي آ،
تي ٻات پُري چوڏس، خاموش ڏياتي آ،
تو بعد رڳي جانان، پڇتاءُ لڳن راتيون،
الجهاءُ سڄو جيون، چڻ سُتَ جي آتي آ.
❊

هي ڏيهه عذابن جو چڏي هلجي،
ڪِتَ ڏُور گلابن ڏي لڏي هلجي.

ناچڻي | شاعري | علي ذاهد

جِت جِت ٻہ سفر ۾ ٽَڪُ پيچو يارو،
برباد وفا جي ياد اڏي هلجي.

سامانِ سفر ۾ ياد ئي کڻجي،
باقي جو بچي، سو هِت ڇڏي هلجي.

يارو نہ ايهرا ٿيو، هلو ٿا پر،
ڪجھ ننڍَ پيَن کي پي سڏي هلجي.

مقتل ڏي، جلادن کان ڏِجي زاهد!
چو ماٺ ڪجي، واڪي وڏي هلجي.

❊

پراڻو پيل نظم

ياد آ مون کي
باغ ۾ گهمندي
تو چيوهو: ’ڪو نظم لک مون تي.‘
۽ لکيو هو مون
سونهن تنهنجيءَ
ورونهن تنهنجيءَ تي
نظم ۾ منهنجي
سارڻ توسان پين، منظرن تي پي
مون لکيو هو ڪجھ،
بيدمشڪن جا وڻ ڏِگها گهاتا
تن تي پکين جا ٻول ها پيارا

ءِ هوائن تي
تنهنجي چنريءَ کي
ايئن لهرايو
مينهن- رنگي جڻ چوڏسا ڦهلي،
انب جي وڻ تي پينگهه ءِ ان تي
تنهنجو جهولڻ ءِ
وار وکرائڻ
جڻ فضائن ۾ لڳهه لهرايا.
خوش لڳا ها پي قول سڀ ڪيڏا
جن جون خوشبوئون
نيري ڪاڳر تي مون سجايون هون
ياد آ مونکي
ذرد پتو ڪو،
پيرِ جي تاريءَ مان چڳو هو جو

❊

## سفر اٽانگو ڪُٿيءَ نه ٿو پيو!

ڪجي تہ آخر ڪجي بہ ڇا ڇا؟
ڪروڙين تارا،
ڪروڙين چارا!
قطب اسان جو نظر کان اوجهل
طرف آ ڪهڙو؟
ڪٿي آ منزل؟

پتو نہ آ ڪو!

اجاڙ واديون، اجاڙ وستيون

مقدرن ۾!

ڪٿي ڪا رونق، نہ ئي ڪي مستيون

مقدرن ۾!

نقاب پهريل سمورا چهرا،

ڳليءَ ڳليءَ ۾ هزار پهرا !

مِلون تہ آخر مِلون بہ ڪنهن سان؟

ڪِلون تہ آخر ڪِلون بہ ڪنهن سان؟

وڃون تہ آخر وڃون بہ ڪاڏي!

سڄي حياتي،

سفر اٽانگو.

❊

## عابد ۽ معبود

عاشقي تو وٽ بہ آهي،
عاشقي مون وٽ بہ آهي،
مان سدا پيشاني تيڪيان،
تون سدا معبود آهين!
عاشقي مون وٽ تہ آهي،
عاشقي تو وٽ نہ آهي.

❊

## شعور

روشني مون وٽ بہ آهي،
روشني تو وٽ بہ آهي،
مان اکيون کولي هلان ٿو،
تون اکيون پُوٿي چڍين ٿو!
روشني مون وٽ ٽہ آهي،
روشني تو وٽ نہ آهي.

*

## ڏک سُک

ڏک چاهي،
سُک چاهي،
وقت جا ڦيرا پئي هِن،
چور جا پيرا پئي هِن.

*

خماريل خماريل اسان جون اکيون،
سنڌءِ سونهن پياريل اسان جون اکيون.

نوان نيڻ کهڙا تلاشين اِهي،
اوهان جون ڏڪاريل اسان جون اکيون.

اوهان جي اگهڻ پل نہ ترسي سگهيون،
پکين جئن اڏاريل اسان جون اکيون.

گهڙيءَ جي خوشيءَ تي کلن کئن پلا!
صدين جون رُئاريل اسان جون اکيون.

جنم کان اوهان لئہ رهيون منتظر-
تي واٽون پُهاريل، اسان جون اکيون.

*

تو بن جانيئڙا! جيون ڪجهہ ناهي،
ڪيڏو پوڳيو آ، توکي مون چاهي!

مون پئي واجهايو، هير تڏيريءَ لئہ،
ڳڙڪيءَ ڪان آيو ، جهولو ڪو ڪاهي!

هيءَ بہ چاڻن ٿا، ويرون ورٽيون هِن،
پوءِ بہ مرڪن ٿا، واريءَ . گهر ناهي.

توٽي موهن تي، ناهي نچڻي پر،
چم چم چيرين جي، کنبر ۾ آهي.

اوٿر آيو آ، يار پکيئڙا چڏ،
آکيري جو تون اوسيڙو لاهي.

ملٽو ناهي پو، قسمت چا معنا؟
زاهد! هٿ تان چڏ، ريکائون ڊاهي.

ڀُلجي منهنجي ڀاڻ، نہ ايندي کر!
سرتي! هيڏي هاڻ، نہ ايندي کر!

عيدون ۽ ميلا تہ ويا گذري،
باسي خوشين کاڻ، نہ ايندي کر!

تون آهين هيراک اجالن جي،
مون وٽ آ کاراڻ، نہ ايندي کر!

ناهي کو اُتساهہ جياپي جو،
من ۾ آ مانڊاڻ، نہ ايندي کر!

جيون سارو هاڻ سرءُ آهي،
وچ، پي ڪا رُت ماڻ، نہ ايندي ڪر!

توسان گڏ پيڙاءَ سنديون راتيون،
اولهہ جي لالاڻ، نہ ايندي ڪر!

زاهد پنهنجو پاڻ وساريو آ،
تو وٽ يادن ڪاڻ، نہ ايندي ڪر!

❊

## گيت

پيرَ پنڌن ڪي پرتا تنهنجا،
واٽون ڳائن راڳ مسافر،
راهہ رئيءَ ۾ ميرو ٿي ويو،
تنهنجو اجرو پاڳ مسافر.

ڪهڙو تنهنجو ماڳ مسافر؟

ڳوٺ ڳلين ۾ رانديون رهندي جوڀن تو وٽ آيو،
عشق اچي مهمان ٿيو، پيرن ۾ پنڌ سمايو،
نيڻ سمورا ويڻ ڏين ٿا،

ڪهڙو تنهنجو تياڳ مسافر.

ڪهڙو تنهنجو ماڳ مسافر؟

پنيون تنهنجون پارا تنهجا، واهه ڪڙن جا چارا،
موهين تنهنجو، مڪلي تنهنجي، تنهجا سپ نظارا،
سپ ڪجهه تنهنجو ڪِٿ رهجي ويو؟
ڪهڙو تنهنجو ڀاڳ مسافر!

ڪهڙو تنهنجو ماڳ مسافر؟

جهاتيون جهرٽام مرٽا، پرٽا، توڪان سپ پرانهان،
تنهنجي ڪاڻ سراءِ نہ ڪائي،ڪو وسرام نہ ڀاٽا،
تنهنجو سپ ڪجهه تولڻ ٽي ويو،
مانجهاندي جو ماڳ مسافر!
ڪهڙو تنهنجو ماڳ مسافر؟

ڪهڙو تنهنجو ڀاڳ مسافر!

خواب ازل جو دوڪو

قسمت چاهي؟
سپنا چاهن؟
ڀڳوندا ڪيئن ماڻهو ٿين ٿا؟
پنڌ سڦل ڪيئن ٿيندا آهن؟
منزل، منزل ڪيئن ملي ٿي؟
سپنن کي ڪيئن ساڀيان آهي؟
ڪير ٻڌائي؟

مون بہ اياڳا خواب ڏٺا هن،
جن ۾ ڪي ئي ماڳ ڏٺا هن،
مڌماتا احساس ڏٺا هن،
موھ ڀريا ڪئي منظر آهن،
هر منظر ۾ سونهن وسي ٿي،
سونهن سرُور جي سڪ لڳي ٿي،
جنهن جا چارا،
ڪوڙ متارا
ڏسندي ڏسندي ٽڪجي پيا پر
سونهن هٿن ۾ مڌ ڪٽورا
سارا مونکي پرتا آهن،
سُرڪي سُرڪي ساھ ڪٽي مون
جنمن جي ڪا اڄ اجهائي،
ها پر سارو سچ اھو ئي،
خواب سراب، ازل جو دوکو.
سپنن کي ڪيئن ساپيان آهي!!؟

*

تنهنجي در جي وٿي بند ٿي وئي،
جڻ تہ مون لئہ گهٽي بند ٿي وئي.

تنهنجي پاڙي جي چوڪَرِ سٽُر ڪيو،
موڪلين پئي چٽي، بند ٿي وئي.

نقشِ پا مان چمان هان او جانا!
پر متيءَ ۾ مٽي بند ٿي وئي.

ياد تنهنجيءَ ڪا تعبير تاهِي،
اک مون جو چٽيي، بند ٿي وئي.

پينگهہ ڪي ڪين جوين وٽي ٿو،
سانوري! هر چٽي! بند ٿي وئي.

❊

سچي رات تولئہ وچائي، نہ وچ،
بچي آهہ مون وٽ اها ئي، نہ وچ.

ٻٽيو عشق گوتم، تون نرواڻ آن،
اسان جي اکين جي سهائي نہ وچ.

خوشي ۽ خرابات جي ڪا ڪٿا،
اڙي او جواني اجائي نہ وچ.

سچي، هينءَ سچي عمر بيڪار وئي،
گهڙي من تئي ڪا سجائي نہ وچ.

محبت، رفاقت، خوشي ۽ صنم،
ڪڏهن ڪنهن نہ مون سان نڀائي، نہ وچ.

اڙي دل شڪستہ، نئون ڪو جتن،
نئين ڪا پَسون نارسائي نہ وچ.

او زاهد! تئي رات روشن متان،
وچڻ جي نہ ڪر ڪا بہ وائي، نہ وچ.

❊

## خرابات دنيا

هي دنيا ڇا آهي؟
خرابات آهي،
خرابات ۾ خود خرابات آهن
خرابات پر ۾
ڪا مسجد به آهي،
ڪو گرجا به آهي،
شوالو به آهي.
ڪو پنڊت،
ڪو فادر،
ڪو ملان هجي ٿو،
ڪو پالو،
ڪو شاهي،
موالو به آهي.
سڀن کي حصي جا ڪتورا ملن ٿا،
ڪو دک جو ڪتورو،
ڪو سُک جو ڪتورو،
سڀئي پنهنجي پنهنجي نشي ۾ مگن هن،
مگر اونچ ۽ نيچ جي آ ملاوت،
نشو وڏورو، مٺيرو آ سڀن کان،
انهيءَ جي مڱي ۽ نڱيءَ جي ڪا پيٽي؟
دلالن جي در تي جو هِينگي ۽ هِٽڪي!

وڏيري ڪڙهه تي جو غونري ۾ پونڪي!

انهيءَ کي بہ پتڪو!

اهو ئي آ گابو!

غريبن جو بابو!

هي بابو، هُو دادو!

آ سِينو ڪشادو!

جو چڪلي جي چوڪي ڏئي سو بہ ڏاڍو!

جو تڪر تي پونڪي ڏئي سو بہ ڏاڍو!

هي مسڪين، معصوم، گگدام ماٺهو،

ڪٽن تي مقيد ۾ نيلام ماٺهو،

انهن جو حوالو،

جهڙالو ڪو آهي؟

انهن جي دکن جو ازالو ڪو آهي؟

مگر چا ڪجي آ خرابات دنيا،

هتي جي بغاوت کي پتنگ جو ڪفن آ!

هتي ليبريءَ کي نرو آ نگي ويو!

❊

نہ گناھ ھو نہ ثواب ڪو، نہ سزا ملي نہ ثمر مليو،
نہ خدا مليو ۽ نہ بندگي، نہ عبادتون نہ دھر مليو.

حُسنِ ازل آن ڪٿي ڪٿي؟ ٿا عشاق تنھنجو پتو پڇن،
آ جتان جتان بہ پڇا ڪئي، ڏس جو مليو ٻڏتر مليو.

دل بدنصيب اسان سندي، اھڙي ڪٿي بہ سجھي نہ ٿي!
نہ محبتون، نہ رفاقتون، نہ خوشي ملي، نہ سحر مليو.

نہ مليو ڪو ماڳ، نہ راھ ڪا، نہ ھلي سگھان، نہ ٿڪو ھُجان،
ھڪ حوصلي جو ھڳاءُ آ تہ اجھو نئون رھبر مليو.

گل ۾ ھڳاءُ رھيو نہ ڪجھہ، ھيءَ وات لاٽ ٻري ٻجھي،
تہ بہ انتظار وجي نٿو، پڪ آ تہ جام زھر مليو.

❊

يار ڪاتي مونکي سڏايو آ!؟
عشق هٿ سان وٽي رُلايو آ.

تنهنجي چنريءَ ۾ ڪئي ستارا هن،
رات چڙ آسمان سجايو آ.

تنهنجي هڪڙي متي دوا دارون،
چو متي! ويچ تو گهرايو آ.

تنهنجي نيڻن جي لام خالي آ،
پيار جو ڪو پکي نہ آيو آ.

مان تہ گوڙيءَ جي گيان جو ڏيئو،
عشق پاريو وري وِسايو آ.

رات ميران جي موھ ۾ زاھد!
درد جو ساز ڪو وڃايو آ.

❉

چڪور آهَ ڪئي ۽ ڪِلي رهيو آ چنڊ!
اميدَ پٽ پئي ۽ کلي رهيو آ چنڊ. .

سجاڳ نيڻ هئي، در، دريون، اڱڻ جاڳيل،
اسان جي رات وئي ۽ کلي رهيو آ چنڊ.

پسار، چاندني راتيون ۽ پيار جون راهون،
اجاڙ ياد ڏئي ۽ کلي رهيو آ چنڊ.

پرينءَ جا ٺهڪ ڪري ياد اي اڪيلائي،
اسان مذاق ڪئي ۽ کلي رهيو آ چنڊ.

پڪو لکن تي اڏيل، داستانِ تنهائي.
اسان اداس هئي ۽ کلي رهيو آ چنڊ.

اڪيون گگن ۾ ڪتل، پير پنڌ ۾ زاهد!
ٻٽياسين راهه رئي ۽ کلي رهيو آ چنڊ.

❊

پختو ايمان ٿيو نہ ٿيو ڇا ٿيو،
رب بہ حيران ٿيو نہ ٿيو ڇا ٿيو.

مون تہ شيطان کي بہ سمجهايو،
هُو جي انسان ٿيو نہ ٿيو ڇا ٿيو.

حُسن دعوت ڏئي ويو ڪهڙي!
عشق بيمان ٿيو نہ ٿيو ڇا ٿيو.

دل جي اجڙيل سراءِ خالي آ،
ڪو بہ مهمان ٿيو نہ ٿيو ڇا ٿيو.

سونهن هرڻيءَ جيئن ڦري سامهون،
جيءُ حيوان ٿيو نہ ٿيو ڇا ٿيو.

هاڻ خانہ بدوش ٿيءُ زاهد!
ماڳ۔ امڪان ٿيو نہ ٿيو ڇا ٿيو.

❊

❊

## موسمون

پرين اسان کان!
پري تون ڪيڏو!
مگر تڏهن پڻ پري تہ ناهين،
هي يادگيريون، هي خيال تنهنجا
هي خواب تنهنجا
ڪڏهن بہ مونکان پري نہ ٿيا هِن
انهن ۾ تون جا رچين، وسين ٿي،
پري تون مونکان ڪٿي رهين ٿي؟
شهر مٿان ڪئي،
رُتون بسنتي اچي هليون ويون
وجڻ ڏي تن کي ڪا ڳالهہ ناهي
وري اونهاري ۾ چانوَ نِم جي
اسان پنهين کي پڪاريو هو،
سڏڻ ڏي تنهن کي، ڪا ڳالهہ ناهي،
۽ ها ، سياري جو گرم بستر،
انيڪ ڀاڪر اسان کي آڇيا،
ڪا ڳالهہ ناهي،
الا او جاني!
سندءِ بدن جي نشيلي خوشبو
اچا ٿي مونکي خمار ارپي
گلاب رُت جا هڳاءَ ارپي
۽ وار تنهنجا تصورن ۾

ڏين ٿا نم ڪان ٻه چانوَ گهاٽي

هي جسم تنهنجو ڪڏهن ٻه منهنجن

ڀڪن ڪان پرتي ٿيو ئي ناهي

مگر پرين هيءَ ورهه جي موسم

اندر ۾ منهنجي ٿي پيڙهه جنمي،

سرءُ جي موسم

جڏهن ٻه وڻ جو ڪو پن پُري ٿو،

لڳي ٿو منهنجو ئي من پُري ٿو.

❇

## پهريون پيار

رات، هر رات جهڙي هئي رات پر،
تو انهيءَ ڪي امرتا آ بخشي ڇڏي،
پنهنجي اکڙين جي جهرڻن ۾ لوڙهي ڇڏيئي،
پنهنجي ساهن جي ساگر ۾ ٻوڙي ڇڏيئي.
پنهنجي چاهت جو امرت پياري مٺي!
۽ نئون ڪوئي جيون جيئاري مٺي!
تو اسان جي حياتيءَ ڪي معنا ڏني،
هيڪليءَ آس آتيءَ ڪي معنا ڏني.
تنهنجي وارن جو وِرُ وِرُ سنوارڻ ڪان پوءِ،
هيل تائين هُيون جي اجايون لڳيون،
آڱريون سي اسان جون سجايون لڳيون.
منهنجي جذبن جي ٻي جان ڪيتن مٿان،
پيار پنهنجي جي برسات پلٽي ڇڏي،

تنهنجي تن، من جي خوشبو ۾ اهڙي عجب !
منهنجي اندر جي دنيا ئي مهڪي اٿي.
تو هِي ڪهڙو آ احساس ارپي ڇڏيو؟

*

ودیک کتابن لاءِ ڏسندا رهو:
عباس ڪوريجو ويب
www.abbaskorejo.com